

رُوح

روح رهاڻ

[ڀاڱو ۴]

دادا جشن جيئنتي [۱۹۸۸-۸-۲]

Kishin Butani

Rs. 15/-

* اي دل نماڻي!

[دادا]

اي دل نماڻي! نهارين شل دم بدم دلدار کي!
پيچ پالم، توسان پاري، رکين شال ياد اڪ بار کي!
خدا حافظ سنسار کي،
ڏي آسيس خدمتگار کي!

ڌيان جي ٻاجهہ جي ٻانهي، تہ تہ منزل منهنجي اوچ:
منهنجي راهہ روحاني، ڌيان شل موچ ۾ ٿي موچ!
ڪري جڳ سارو ڪوچ،
ڇمان مان خاڪ چرڻن جي!

دنيا ساريءَ ۾ آهي گونج، خاڪ مٽيءَ جا پتلا سارا:
ٻر اَج رات سياڳيءَ، تہ چمڪيا صورت جا نهارا!
ڏي آسيس مون پيارا!
تہ خاڪ ۾ ٿي خاڪ ڌيان!

تنهنجي آتش ۾ آ! پاڻي آهہ: سو پاڻي مون پيار!
تنهنجي سانت ۾ آ! پاڻي آهہ: سا سانت مون سيڪار!
تنهنجي زندگاني نماڻي آهہ:
سٽين شل دل جي پڪار!

مڪڙو تنهنجو مشڪي آ! جنهن گلستان!
مون ٿي اُهہ ٿئي شل نوري اٿين احسان!
هاڻي اند ڪر زبان،
نهار وڃي ٿي نُور ۾!


---

* هي گيت پياري دادا ١٩٦٢.٨.٢ تي دادا جشن کي سندس جنم ڏن تي لکي ڏنو هو.

سمرپڻ

هنڌي گرديو

جي ڪمل قدمن ۾ !



دادا ٽي. ايل. واسواڻي

گرديوم شرنم گڇامي!

[دادا جشن جي جنم دن اپديش مان]

هيڏڙو جشن توهان اتساه ۾ وٺي گيت ڳايو، منهنجي اکين اڳيان ڪيتريون ئي تصويرون اچي ڦريون!

اکيون آسماني، اچي تو نهاريو:
هٽي ليرن ۾، ستل کي اُٿاريو!

اکيون آسماني منهنجي محبوب جون توهان مان گهڻن ڪين ڏٺيون. منهنجي محبوب، پياري دادا جون اکيون هيون جوت جا تلاءَ، ديا ۽ پريم جي روشنيءَ جا ڦوهارا. اهي اکڙيون هن وقت به پيون منهنجي اڳيان ڦرن. منهنجا پريتم! تنهنجن اکين ۾ ڇا هو! تنهنجي نهارن ۾ هئا تير. مان ستل هوس. آسماني اکين مان تير ڇوڙي تو مون ستل کي اُٿاريو. ڪيڏو نه رحم! ڪيڏي نه ڪرپا!

اڄ سواڀاوڪ منهنجا ويچار ويا پنهنجي پوڄيه پتا ۽ پوڄيه ماتا ڏي، جن جي دوارا مونکي مانش جنم مليو آهي. ڪهڙي نه سٺي وايو منڊل ۾ منهنجو بالپڻ گذري ٿو. منهنجو پوڄيه پتا هڪ ڌرماتما پرش هو. ودوان هو، پر وديا جو کيس اڀمان ڪين هو. شري رام ۽ شري ڪرشن جو ڀڳت هو. سنتن درويشن ۽ فقيرن لاءِ سندس دل اندر شردا هئي. سندس دل اندر هئي همدردي دکين دردن واسطي. ٻوڏون پونديون هيون، نوجوانن جون ٽوليون وٺي وڃي ٻوڏ ۾ ستايلن جي سيوا ڪندو هو. چوندو هو، هي سرير سڀاڳو ٿئي، جي سيوا ڪندي پياڙيءَ جو پران وڃي.

عمر ۾ ننڍو هوس، جڏهن منهنجو پوڄيه پتا گذاري ويو. پوڄيه ماتا ڪيئن نه منهنجي سنڀال لهي ٿي. نام سمرن جا ٻج منهنجي ڪچڙيءَ دل ۾ اوتي ٿي. چوي ٿي:- "منهنجا بالڪ! هڪ ئي آدرش پنهنجي اڳيان رکجانءِ— پورنتا جو آدرش." نرمل وايو منڊل مان اُسران ٿو. پر ڪهڙا نه سٺا سمسڪار اسان

کي ملڻ، اسين اونده ۾ آهيون. ڪهي ڪو، جو ان اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي. سچي گروءَ بنا ٻيو ڪير ائين ڪري سگهي؟

اِڪ ديد سان دادل، دلڙي تو گھائي:
وڃي اونده اُڏامي، نئين جوت آئي!

مهنجي خوش قسمتي هئي. "پريم اُپاسي گهر مهه پايا." ڳولا ڪرڻ جي مونکي ضرورت ئي ڪين. پوري وقت تي اچي آسماني اکين سان نهارياڻين، سچل کي اُٿارياڻين.

تنهنجي در تي هاڻي، بيٺي آنءُ آهيان:
ڇڏا سڀ ڇڏيا مون، فدا تيرط تي چاهيان!

هاڻي، مهنجا پريتم! مون کي ڪجهه ڪين! سڀ ڇڏا ڇڏي تو وٽ آئي آهيان ان اِڪ آس ۾ - فدا تيرط تي چاهيان! هن هستيءَ ڏاڍو پڪايو آهي. مهنجا گرديو! مان ته اُن کي ٽڪرا ٽڪرا نٿي ڪري سگهان. تنهنجي در تي آئي آهيان: لون ورڻي اهڙو تير ڇوڙيندڙ، جو مهنجي سڄي هستي نابود ٿي ويندي ۽ مان وڃي اُن منزل کي رسندس، جنهن جو ذڪر فقير ۽ درويش پنهنجي باڻيءَ ۾ ڪن ٿا.

"تنهنجي در تي نوڙي، وڪامل مان آهيان:
اَنچلي اُڀاڻي، نرمل نيڻهن نماهيان!

وڪامل آهيان! شل وڪامل ئي رهان! جنمن سال وڃن پيا گذرندا، تنهن پوءِ پايان تو ته جيون جو پرم پدارٿ آهه "گر ڪرپا." گر ڪرپا لاءِ پڪاريو. گرديوم شرنم گڇامي! گروءَ جي شرڻ ۾ اچو! اُنڪري گروءَ جي اپا قبول ڪريو! سندس آگيا ۾ هلو! هڪ ڏينهن گرو راضي ٿي ڪرپا ڪري ٿو. اُن گر ڪرپا دوارا اسان جي سرت مٿي چڙهي ٿي. پوءِ رستو اُٺو ڪين. گر ڪرپا آهي lift وانگر. سڌو وڃي مٿين ماڙ تي پهچون ٿا. گر ڀڳتي دل اندر ڌاريو. سڪ پياس اُٿاريو. جڏهن ڪرپا ٿئي ٿي، تڏهن مانڪ جنم سڦل ٿئي ٿو!

اهي درويش دل ۾ درد کڻي پيا گهمن. سڀني دکيون دياون: پيا رڙن کن، پيا گمراهن کي سڌين رستي تي آڻين.

سڀني هڪ پياس هئي ته انسان وڌيڪ واهگروءَ ڏانهن وک وڌائي. سڀني اکين ۽ اکڙين ۾ نام نشو. اهو نام نشو کڻي پيا ڦرن ۽ لوڪن کي مالڪ مٿي ڏانهن ڇڪين.

اهڙو هڪ درويش، اهڙو هڪ خدا جو انسان، اهڙو هڪ روشن رهبر، اهڙو هڪ پهتل پرش، اهڙو هڪ ڪامل انسان جنهن تي ڪرتار جي ڪيڏي نه ڪرپا آهي، سو آهي اسانجو دلبر دادا جشن واسواڻي! پياري کي ڏاتار وٽان وڏيون ڏاتيون مليون آهن، پيو لوڪن ۾ ورهائي. تياڳ ۽ تپسيا جي جيون شڪتيءَ سان پيو لوڪن کي ڪرتار جي قدمن ۾ ڇڪي.

پياري دادا جشن جي "روح رهاڻ" هزارن دلين تي جادو لڳايو آهي. هن کان اڳ "روح رهاڻ" جا ٻه ڀاڱا پرڪاش ٿيا آهن. ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر ڪيترن ديسن ۾ سنڌي ڀيڻن ۽ ڀائرن جي دلين اندر آتمڪ امنگ اٿاريا آهن. سڀني سڪ ڀري گهر ٿي رهي آهي ته وڌيڪ "روح رهاڻ" جا ڀاڱا لکن. سڀني پياس ته پياري دادا جشن جي دل جو گنگا جل وڌيڪ پي ترپت ٿين.

سڀاڳيءَ اسانجي دلين مان ڌنيواد جو اکر پيارن ڀائرن شري سنتل ميڱهاڻي ۽ شري نرمل واسواڻي ۽ ڀيڻ شيلا سوجيءَ لاءِ نڪري ٿو. سڀني پوتر پرشارٿ ۽ پريم ڀري پورهئي جو هي ٽيون ڀاڱو "روح رهاڻ" پياري دادا جشن جي سڀاڳي سٺر جنم ڏي پرڪاش ٿئي ٿو. خاطري آهي ته هي ڀاڱو ٻين اڳين ڀاڱن وانگر هزارين پياسي دلين کي آتمڪ آنند ڏيندو.

شيوا ۾

گنگارام سانجداس

روشن رهبري

ڳجهي ۾ ڳجهي، پيارو پرڀو پنهنجن پيارن، سنتن ۽ درويشن ۽ فقيرن کي آتمڪ خزانن سان ڀرپور ڪري ڌرتيءَ تي پٺي موڪليو آهي. اهي درويش الک وٽان مليل ورثو پاڻ وٽ نٿا رکن. پر سڀن اندر جي اها ئي اَبلاکا رهي ٿي ته مٿي مالڪ وٽان مليل آتمڪ خزانا ٻين سان ونڊين ۽ ورهائين، کين پياري پرڀوءَ ڏانهن ڇڪين، جئن هو سنسار جي جنجالن کان آزاد ٿي آتمڪ آنند پراپت ڪن.

انهن درويشن جون دليون دئيالو آهن. ڏيڻ ۾ ڏاتار آهن ۽ جئن جئن ڀيا ڏين، تئن تئن پيارو پرڀو کين وڌيڪ ڀيو ڏي. هو اَکٽ آتمڪ خزانن جا مالڪ آهن. انهن درويشن جون اَکڙيون سدائين اَلک جي اُڪير ۾ آليون آهن. سڀن ليکڻ نرالا، نرمل ۽ نماڻا. سڀن گفتار ۾ گيان جي گنگا. سڀن نهار ۾ عجيب چمڪ. ٻوليندا ٻه اکر، پر انهن ٻن اکرن ۾ جادو لڳائي ڏيندا.

اهي خدا جا درويش اَسان دنيوي اِنسانن کان بلڪل نرالا آهن. سڀن رهڻي روشن، سڀن ڪهڻي اَٽرانتي ۽ آتمڪ امنگن سان ڀريل، سڀن نهار ڇڪيندڙ، سڀن اکرن ۾ آتمڪ آتش، سڀن هڪ هڪ اکر تير وانگر ڀيو ڇيندو. سڀن چرنن ۾ رهڻ آهي ڀاڳ کي نرمل ڪرڻ ۽ ساڻن صحبت رکڻ ۽ سڀن وچن ٻڌڻ آهه ڀاڳ کي ٻڌيوان بنائڻ ۽ آتمڪ شڪتيءَ ۾ ٻلوان ٿيڻ.

هن گهڙيءَ جو مُلهه سڃاڻ!

دادا:- روح رهاڻ سٽسنگ ۾ اسين هڪ ويچار ڪندا آهيون ۽ اُنجو وري وري ويٺا دؤر ڪندا آهيون. هي ڏاڍو سؤلو ساڌن آهي. صبوح جو اٿو، ڪوڻ ڪو ويچار ڪريو.- گوباٽيءَ جو ويچار، سمت ٻاٽيءَ جو ويچار، گيتا ٻاٽيءَ جو ويچار، نؤري ٻاٽيءَ جو ويچار. ڪوڻ ڪو نديڙو ويچار ڪريو. پوءِ ڏينهن جي ڪم ڪار جي وچ ۾ وري وري ٿورا مدت ٻجائي پاٽڪي اُن ويچار جي يادگيري ڏياريو. ٿي سگهي ته هٿ مٿهن ٿوئي، ساڻت ۾ ويهي، اُن ويچار جي اونهائيءَ ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪريو. سنتن جا ويچار، سنتن جا وچن ساگر سمان آهن. اُن ساگر ۾ ٽوهين ٻه ٽٻيون ڏيئي سگهندا. هڪ هڪ ٽٻيءَ سان ڪي نه ڪي موتي ڪڍي ايندا. توهين اهو آزمودو ونئي ڏسو. صبوح جو اٿو: شري سکمڻي صاحب مان ڪوڻ ڪو وچن ڪريو. جهڙوڪ:-

"دکن درد دکه ڀڄندا، گهٽ گهٽ نانڪ آنند:
شرڻ تماري آئيو، نانڪ ڪي پرڀ سات!"

"شرڻ تماري آئيو": شرڻ ڇا آهي؟ پريوُ ڇا آهي؟ اسين ٽڪڙو ٿي ٽڪڙو اهي اکر پڙهي وڃون ٿا. پر انهن اکرن جو اثر اسانتي ٽٽو ٿئي. ڇاڪي اهي اکر اسانجي دلين کي وڃي ڇهن ٿا يا اسانجي دلين ۾ ڪا تبديلي آڻين ٿا. مان جيڪر چاهيان، توهين هڪ وچن ڪريو، هڪ ٽڪ ڪريو، اڌ ٽڪ ڪريو، هڪ اکر ڪريو. پوءِ اُن اکر جي اونهائيءَ ۾ وڃي انجي معنيٰ کي

وشيہ سوُچي

چيومانس:- ”تو هيترو وقت رنو آهي، ٻڌاءِ توکي پڇاه لکن مان گهڻا لکه واپس مليا آهن؟“ چيائين:- ”واپس ڇا جا ملندا؟“ چيومانس:- ”جي واپس نه مليا اٿئي ته ٻڌاءِ روئين ڇو ٿو؟ ٻڌاءِ ته، هاڻ اهو ڪي ڪر، جيئن توکي لکه ملن، جنهن ڪري تون روئين ٿو، اهي لکه هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. روئڻ مان توکي ڇا ملندو؟“

”ٻيٽي ڪو ڇتوو نهين!“

اَسين ڪيتريون ڳالهيون، ڇهوُنيون ڇهوُنيون ڳالهيون ياد ڪري ڇٽون ٿا:- ”اَڙي! مان جيڪر هيئن ڪريان ها، مان جيڪر هوئن ڪريان ها.“ هڪ ڀيرو مونکي ڳڌي. اوچتو ٿي اوچتو سمدس پٽتي گذاري ويو هو. Tennis راند ويٺي ڪيائين: Tennis راند ڪندي اَتيئي ڪري پيو، گذاري ويو. چيائين:- ”ڇهه مهنا ٿيا آهن، منهنجو پٽتي گذاري ويو، پر اَڄا تائين مونکي سڄو وقت اهو ويچار:- ’مان جيڪر هيئن ڪريان ها، مان جيڪر هوئن ڪريان ها ته منهنجو پٽي اڃي ٻوي ها.‘ ۽ وڌيڪ ڪهڙي ڳالهه، جا مونکي کائي ٿي؟ مون ٿي ٻاڻ ڪيس چيو:- ’تون وڃي Tennis راند ڪر.‘ جي مان ڪيس ائين نه چوان ها تـه Tennis راند نه وڃي ڪري ها ۽ جيڪر گذاري ڪونه وڃي ها. ڇهه مهنا ٿيا اَٿم، ننڊ ٿي ڪونه ٿي اَچي.“ ”منهنجي ڀيڻ! گهوت کي ائين گذاري وڃڻو هو: گذاري ويو. چوڪ ٿي آهه، اُن چوڪ مان تون سکه.“

”ٻيٽي ڪو ڇتوو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ!“

اَساڻو ڪيترو وقـت اڳين ڳالهين جي سوچڻ ۾ وڃي ٿو، جنهنکي چوندا آهن ” Crying over spilt milk “. ٻالڪ کير وٺي ٻٽي آيو: ڇهوٻو اَڇي ويس: کير هارجي ٿيو. ويهي روئڻ لڳو. اَڙي! روئڻ مان ٿوري ٻٽي کير توکي واپس ملندو. هيڏي مونٽي

سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. جيئن اوُنهائيءَ ۾ ويندا، توهانکي عجيب آنند جو آزمودو ملندو. توهين چوندا :- ”ٽڏهن ايڏو آنند ملي سگهي ٿو! اسين ته روز شري سکمڻي صاحب جو پاٺ ڪندا آهيون، پر اسانکي ته آنند ملندو ئي ڪين آهي. اَڄ اسان هڪ تڪ جو ويچار ڪيو آهي، اسانکي ڪيڏو نه آنند مليو آهي!“ صبوح جو اٿڻ سان ڪونه ڪو وچن ڪڍو. پوءِ توهانجي اَهڙي حالت ٿيندي، مان توهانکي پنهنجي آزمودي مان ٻڌايان ٿو. صبوح جو مهنجي جاڳ ٿئي، اکيون کوليان، تنهن کان اڳ اندر ۾ آواز ٻڌندو آهيان ته اَڄ واسطي مون لاءِ ڪهڙو ويچار آهي. مونکي وچن ملندو آهي. توهانجي به اِها اوستا ٿي سگهي ٿي. پر شروعات ۾ توهانکي پڙهڻ ڪنهن نه ڪنهن شاستر مان، ڪنهن نه ڪنهن سنتپرک جي باڻيءَ مان يا ڪنهن فقير جي باڻيءَ مان ڪو نه ڪو وچن ڪڍڻو پوندو.

اَڄ صبوح جو جڏهن مان اُٿيس، اُٿڻ کان اڳ، مون اِڪ آواز ٻڌو. اِن آواز مونکي ڇا چيو؟ اِن آواز چيو :-

”بيتي کو چنتو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ؛
ورتمان سي ورت لو، تا گميٽي نر دوکھ!“

هي اکر ٿورا ڏکيا آهن. يڪدم شايد توهانکي سمجهڻ ۾ نه اچن، پر معني ڏاڍي سولي آهي.

”بيتي کو چنتو نهين!“ ”بيتي“ معني جيڪي ٿي ويو آهي (The Past). جيڪي گذري ويو آهي، اُنتي تون ويٺو چنتا ڪرين، اُنتي تون ويٺو ويچار ڪرين، اُن ۾ تون ويٺو پنهنجي شڪتي وڃائين: توکي ملندو ڇا؟ هڪ ماڻهو مونوٽ آيو: چيائين:- ”هڪ ڪم ڪيم، جنهنجي ڪري مونکي پنجاه لک رپيا نقصان پيو. ٽڏهن ڪانوني ويٺو رئان!“ مونکي روئي ڏيکاريائين. اُنهين نه نه رکو چيائين. اِهي اکر چئي ڳوڙها ڳاڙي ڏيکاريائين. مون

کي چيائين ته "اوزار گم ٿي ويو آهي. ڏيئا ٻار ته مان اوزار ڳوليان." ڏينهن ڏني جو، سج پيو چمڪي. لوئي حڪم جي ٻڌي، يڪدم ويئي. ڪيس مجال نه ٿي جو ڪبير کي چوي ته "سج پيو چمڪي: هيڏي مهل ڏيئي جي ڪهڙي ضرورت؟ ۽ اوزار ته توهانجي مٿي تي رکيو آهي." پر نه، يڪدم وڃي ڏيئا ٻار آئين. سنت کان پڇائين :- "سائين! گهڻا ڏيئا ٻاريان؟" سنت چيس :- "ٻارهن ڏيئا." ٻارهن ڏيئا ٻاريءَ وٽ ڪونه هئا. ونس هئا فقط ڏهه ڏيئا. ٻيا ٻه ڏيئا وڃي وٺي آئي. ليل وڃي اهي ٻارهن ڏيئا ٻاري کڻي آئي. روشني ٿي، پر اوزار هٿ نه لڳو. اوزار ته رکيو هو سنت جي مٿي تي. لوئيءَ کي اها خبر هئي. ڪيتري وقت کانپوءِ ڪبير چيو :- "اڙي! اوزار ته مٿي تي رکيو آهي." لوئيءَ چيو :- "ها، سائين! توهانجي مٿي تي رکيو آهي. شروع کان ئي رکيو هو." وڏن سان ڪڏهن بحث نه ڪجي. وڏن کي سڀ خبر آهي، سڀ پروڙ آهي. پر اڄڪلهه جي زماني ۾ اسين وڏن کي چوندا آهيون:- "توهانکي ڪهڙي خبر ته، توهين ڪهڙي زماني ۾ رهو ٿا. هاڻي زمانو بدلجي ويو آهه."

دادا:- ڪهڙيءَ ڳالهه تان توهانکي هيءَ ڳالهه ٻڌايم: ياد اٿوَ؟

سنگت :- سنتوڪ چيو ته "ماڻهو سڄو وقت هار پائي پيو گهمي."

دادا :- سنتوڪ لوڪن کي چيو:- "هن ماڻهوءَ هار پاتو آهي اهو، جو مان ڏسي سگهان ٿو: توهين نٿا ڏسي سگهو."

پڇائونس :- "ڪهڙو هار؟"

سنتوڪ چيو :- "پراڻين يادگيرين جو هار. اڳيون يادگيريون (Past memories) جو هار پائي هي پيو گهمي. سڄو وقت اُن ويچار ۾ رهندو آهي. انڪري ضرور ملول رهندو، غمگين رهندو."

وڃي وري ڪير وٺي اچ. هي ڪير نه هارجي ويو: هاڻي روئي ڇا ڪندين؟ هاڻي وري جڏهن موٽين، سنڀال سان ٻڌي ڪجانءِ. هڪ هڪ چوڪ جيڪا اسان کان ٿئي ٿي، اها چوڪ اسانکي ڪو نه ڪو سبق سيکاري ٿي. اهو سبق جيڪر اسين سکون ۽ چوڪ وساري ڇڏيون. هيءَ حياتي اِڪ اسڪول آهي ۽ آزمودو اسانجو استاد آهي. هرهڪ آزمودو اسانکي سبق سيکارڻ اچي ٿو، جنهن سبق سکڻ جي اسانکي حياتيءَ ۾ ضرورت آهي.

هڪڙو ماڻهو هوندو هو. ويچارو ڏاڍو دکي گذاريندو هو. هميشه جڏهن ڏسوس ته سندس منهن ملول. ويچاري جو چهرو هميشه دک ۾ پيل. پڇيائون:- ”هن جي هيڙي حالت ڇو ٿي آهي؟“ هڪ سنهرڪ کان پڇائون. سنهرڪ چيو:- ”هنجي حالت اِها ٿي آهي، ڇو جو هي سڀو وقت هڪ هار پائي پيو گهمي.“ لوڪن نهاريو ۽ چيائون:- ”هار ته هنکي ڪو ڪين آهي.“ سنهرڪ کي چيائون:- ”سائين! هنکي هار ته ڪو ڪين آهي: پر توهين چئو ٿا ته ضرور هوندس.“ سنهرڪن سان ڪڏهن بحث ڪين ڪبو آهي. اسين سائن بحث ڪندا آهيون. سنهرڪن سان يا وڏن سان ڪڏهن به بحث نه ڪجي. اهو هميشه جو قانون آهي. هيئنر جنهن زماني ۾ اسين رهون ٿا، تنهن ۾ ٻهراڻ ٻهرين ته گهر جي وڏي يعني پنهنجي ڏاڏيءَ سان اسين بحث ڪريون ٿا. ڪيس چئون ٿا:- ”ڏاڏي! توهانکي پوري ڄاڻ ڪانهي. اڄڪلهه جو زمانو ٻيءَ طرح آهي ۽ نه نه جئن توهين سمجهو ٿا.“ اڳي وڏن لاءِ عزت هوندي هئي. ڪڏهن نه وڏن کي اِئين چوندا هئا.

هڪ ننڍڙي ڳالهه سنت ڪبير ۽ سندس ڌرمپتني لوئيءَ بابت لکيل آهي. سنت ڪبير ڪوريءَ جو ڪم ڪندو هو. ان ڪم ۾ تاڻو ۽ ڪي اوزار هوندا آهن. ڪبير هڪ ننڍڙو اوزار ڪٿي پنهنجي مٿي تي رکيو. ننڍڙو اوزار هو. مٿي تي رکيو هوس. لوئيءَ ڏٺو ته مٿي تي رکيو اٿس. لوئيءَ

ڪري ٻوان تہ ذميواري تنھنجي اٿيئي. مان ھندوستان ۾ ئي ڪونہ، پوءِ توکي ڪير ڪمائي کارائيندو؟" ويچاري زال چيو:- "جي اھڙي پل آھي تہ اُن تان لنگھڻ ئي نہ گھرجي. تون جي ھيٺ ڪري پوين ۽ جي توکي ڪجھہ ٿي پوي تہ مونکي ڪير کارائيندو؟ نہ رڳو مونکي، پر ٻار ويچارا ننڍڙا، انھن کي ڪير کارائيندو؟" زال وڌيڪ چيو:- "۽ جي مان اُن پل تان ھلان ۽ جي ڪو ٽختو ڪري پوي ۽ منھنجي ٽنگ اُن ۾ ڦاسجي پوي، پوءِ توکي ماني ڪير ٺاھي کارائيندو؟ مان ڪونہ ٺاھي ڏيئي سگھنديسانءِ."

ٻئي ڄڻا اِنھين ڳالھيون ڪندا پئي ويا تہ "پوءِ ڪھڙي حالت ٿيندي؟ ڇا ٿيندو؟" "آگي ڪرو نہ شوڪ!" ھي شوڪ ڪندا اڳتي اڳتي ھلندا پئي ويا. جڏھن اچي پل جي جڳھہ تي پھتا تہ ڏٺائون تہ اُت تہ اڳيئي نئين پل ٻڌي پيئي آھي. "آگي ڪرو نہ شوڪ!" جڏھن اھو وقت اچي، تڏھن ڏسبو. اُنکي مڙھن ڏبو. ضرور ٿوريئي آھي تہ مان اُن ڀڳل پل تان پند ڪريان. مان موٽي سگھان ٿو. جئن آءٌ آھيان، تئن موٽي سگھان ٿو. پر اُن وقت کي تڏھن مڙھن ڏبو، ڏسبو ڪھڙي حالت آھہ. ڪيترا ڀيرا اَسين آئينده جو ڏاڍو شوڪ ڪندا آھيون، اَلائي ڇا ٿيندو؟

ھڪ ماڻھو ھو. ڏاڍي غريبيءَ ۾ وقت گذاريندو ھو. چيومانس:- "تون آھين ھڪ ڄڻو، پندرھن سؤ رپيا توکي پگھار ملي ٿو. ڪٽنب ھجي تہ ڇٽي نہ پندرھن سؤ ڪجھہ ڪونھي. پر تو اڪيلي لاءِ پندرھن سؤ ڪافي آھن." مونکي چيائين:- "پندرھن سؤ ٿوريئي مان خرچي سگھان." چيومانس:- "ڇو؟" چيائين:- "ھزار رپيا تہ جدا رکندو آھيان." پڇومانس:- "ڇا واسطي؟" چيائين:- "متان ڪا بيماري اچي وڃي. پوءِ اوڏي مھل منھنجي حالت ڪھڙي ٿيندي؟" بيماريءَ جي ويچار ۾ ھزار رپيا مھدو جدا رکي ٿو. باقي پنج سؤ رپيا پاڻ تي خرچي ٿو.

”پٺتي ڪو ڇٽوو نهين!“

جهڪي ٿيو، بيشڪ چُوڪون ٿيون، اَسانکي کپي ته اَسين اُن مان سکون. اُنهن نه ته چوڪ ڪئيسين، وري وڃي چوڪ ڪريون. نه، اُن مان سکون، پوءِ وڌيڪ ڌيان اُنکي نه ڏيون. اَڙي! جيڪر هيئن ڪريان ها، اَڙي! جيڪر هونئن ڪريان ها. ڏسو، توهان مان ڪيترا ڌنڌي وارا آهيو. توهان کان ڪيتريون چوڪون ٿينديون هونديون. پوءِ جي ويهي ويچار ڪندا ته هيئن ڪريان ها يا هونئن ڪريان ها ته ڌنڌو هلائي ڪونه سگهندا. اَسانکي جڳائي ته چُوڪ مان سکي اڳتي قدم کڻون! "The call of life is Forward! Onward! Ever Godward!" اَسانکي اُن ٻاسي پند ڪرڻو آهي. اڳتي هلڻو آهي. آگي بڙهو! آگي بڙهو!

”پٺتي ڪو ڇٽوو نهين، آگي ڪرو نه شوڪ!“

آئينده جيڪي ٿيڻو آهه، تنهن باٻت ۾ توهانکي چنتا يا شوڪ ڪرڻو ڪونهي. اُهو جڏهن اَچي. ڪيترا پيرا اَسين شوڪ ڪندا آهيون آئينده جو، پوءِ اُهو آئينده شايد اَچي ۽ نه.

ننڍي هوندي اَسانکي هڪ ڳالهه پاڙهيندا هئا. ٻه ڄڻا، گهوٽ ۽ ڪنوار، ٻاهر ٿي ويا. گهوٽ کي خبر پيئي ته سندس هڪ سؤٽ بيمار آهي. ڪن ميلن جي پند تي اُهو رهندو هو. ٻنهي چيو ته وڃي اُنکي ڏسي اَچون. آرتوار جو ڏينهن، ڇانئون، موڪل جو ڏينهن آهه، اُن ڏينهن ويندا سين. پند ڪندا ويا. واٽ تي اَچي يادگيري پين ته رستي تي هڪ پل آهي، جا اَسانکي پار ڪرڻي پوندي. هڪ ننڍڙي نهر تي اُها ڪاٺ جي پل ٻڌل هئي. گهوٽ چيو:- ”اُها پل ته ڏاڍي پراڻي ٿي وئي آهي. اڳئين پيري ٿي اَسان اِئين ڏٺو. هينئر ته پل جي اَلائي ڪهڙي حالت هوندي. اُن پل تان هلون. پوءِ جي مان هيٺ

نهاريون. انڪري سندس آسپاس اسانکي پهچي نٿي. ٻيو مدد ڪري ٿو، مدد ڪرڻ چاهي ٿو. پر اسانکي اهـا پهچي نٿي، ڇو ته اسان پنهنجي ۽ ٻين جي وچ ۾ ديوار ڪري کڙي ڪئي آهي، اها ديوار آهي دانهن جي.

” بيتي کو چنتو نهين، آگي کرو نه شوک:
ورتمان پر ورت لـو، تا گهٽيئي انردوک! “

منهنجا پيارا! ماضي هٿن مان کسڪي ويو. مستقبل (آئينده) اڃا آيو ڪين آهي. اسانجي سامهون فقط هن وقت جي هيءَ گهڙي آهي. هن هڪ دم جي مونکي پڪ آهي، ٻئي دم جي مونکي پڪ ڪانهي. جو دم مون کنيو آهي، اهو ٻاهر نڪرندو، اها پڪ اٿم. پر ٻيو دم مان کڻي سگهندس يا نه، انجي مونکي خبر ڪانهي. نيٺ آخرين دم ايندو، اهو نڪرندو ته ٻيو کڻي ڪونه سگهندس. هاڻ اهو دم جو منهنجي هٿ ۾ آهي، ان دم کي مان ڪئن سڦل ڪريان ۽ ڪهڙيءَ طرح بهتر ۾ بهتر نموني ڪتب آڻيان؟

” بيتي کو چنتو نهين، آگي کرو نه شوک،
ورتمان پر ورت لـو، تـا گهٽيئي نردوک! “

اهو انسان نردوک آهي، جو Present ۾ رهي ٿو. هينئر جي گهڙيءَ جو فقط خيال ڪري ٿو. ”آگي کرو نه شوک!“ انجي معني اها ڪانهي ته اسين ڪجهه به plan نه ڪريون يعني ڪا رٿا نه رٿيون جي ائين نه ڪنداسين ته مان اڄ هت هجان ئي ڪين ها. الائي ڪيترا ڏينهن اڳ توهان پروگرامن جا پترا ڇپائي ورهايا. جي آئينده (future) جو خيال نه ڪريو ها ته اسين ڪئن ڪٺا ٿيون ها. جيڏي مهل مان اچي هت وهان ها ته توهان مان ڪير هجي ئي ڪونه ها ۽ مان ڪنهن لاءِ هت وهان ها. ڪٿي توهين نه هجو ها ته به ڳالهايان ها، ڇو ته لئه T.V. مشين رکي آهي. پر جي اها به نه هجي ها ته مان ڇا جي لاءِ ڳالهايان ها؟ هي سڀ مانداڻو منڊيو ويو، ڇو ته

ويچاري جي حالت ڏسو. سڀاڻي ٿي پورو ڪپڙو نه، ٻين ۾ پورو چمپل نه. ٻڌجن سون ۾ اَجلڪهه ڇا ملندو؟ اُن مان مسواڙ به ڏي.

"آڳي ڪرو نه شوڪ!"

منهنجا پيارا! آئينده جي سنڀال سائين پاڻ ڪندو. جڏهن سائينءَ هيل تائين منهنجي سنڀال لڌي آهي، سو آئينده جي به سنڀال لهندو. پريو بدلجي نٿو! ساڳيو آهه! جيڪو پريو پرهلاد جي ڏينهن ۾ هو، سندس رکيا ڪيائين: جيڪو پريو ڪبير جي ڏينهن ۾ هو، سندس رکيا ڪيائين: ساڳيو پريو اَڄ به آهه. پريو ڦري ڪونه ٿو، پر اَسين ڀيا ڦرون. جي پريو ڦري وڃي ته اهو پريو ڪونه آهه. چئوس:- "تون پريو ڪونه آهين: اَسانجو پريو بيو آهه."

"بيتي ڪو چنتو نهين!"

جيڪي گذري ويو، تنهنکي وساري ڇڏيو. جيڪي سکڻو هجيوَ، سو سکو. ماکيءَ جي مک وانگر ٿيو. گل مان وڃي ماکي ڪڍي اچو. گل جو ويچار نه ڪريو. ويچار ڪندا ته مصيبت ٿي پوندي. اَلائي ڪيترن هزارن گلن مان ماکي چوسي ٿي، تڏهن مس هڪ چمچو ماکيءَ جو ٿئي ٿو. جي نه ايترا هزار يا ڪروڙ گلن کي ويهي ياد ڪري ته ويچاريءَ جي ڪهڙي حالت ٿئي. ماکي چوسي ڪڍي اچو. چوڪ جيڪا ٿي، تنهن مان جيڪو سبق سکڻو آهه، سو سکي پاٺوت رکي، ڇڏيو، باقي بيو سڀ وساري ڇڏيو.

"بيتي ڪو چنتو نهين، آڳي ڪرو نه شوڪ!"

گذرئي کي ياد نه ڪريو! نڪي آئينده جو شوڪ ڪريو! ڇو نه آئينده جي سائين پاڻهي سنڀال ڪندو. اَسانکي فقط جڳائي نه اَسين پنهنجو منهن پريوءَ ڏي موڙيون يعني پريوءَ جي ياد ۾ رهون. پر اَسانجي تڪليف هيءَ آهي ته اَسين پريوءَ ڏي نٿ

Plans پل ٺاهيو، ٻر جي اُهي work نٿيون ڪن ته شوڪ نه ڪريو. بابو چئو:- "بابو! اِنهن ۾ ڪو تنهنجو راز آهي."

"ورتمان سي ورت لو، تا گنيئي نرد وڪ!"

منهنجا پيارا! هيءَ جيڪا گهڙي هينئر توهانجي هٿن ۾ آهي، اُها سجائي ڪريو. سنت ٻنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا:- "ٻهي گهڙي، ٻهي ويلا!" هيءَ هڪ گهڙي اَٿوَ، هيءَ هڪ ويلو اَٿوَ، جيڪي ڪرڻو اَٿوَ، سو ڪريو. توهين جيڪر ڇا ڪريو؟ سمجهو توهانکي هڪ نئي گهڙي هجي، توهين جيڪر ڇا ڪريو؟ اُنوقت ويهي چيڪ بوڪ صحيح ڪريو يا ويهي سٺا سٺا ڪاڌا کائو؟ ڇا جيڪر ڪريو؟

سنگت:- بابوءَ کي ياد ڪريون.

دادا:- چئون:- "بابو! تون ڪيئن! بابوءَ جي يادگيريءَ ۾ رهون! اِڪري هڪ هڪ گهڙيءَ ۾ اُن اِڪ کي ياد ڪريون. ٻنهنجو ڪم ڪار جيڪي ڪريون، سو ڪيس اَرپڻ ڪريون. دل جي اَندر ڪيس ٻڪاريندا رهون چئونس:- "هيل تائين تو ٻڌيج رکي، آهه آئينده به تنهنجو توئي آهه!" ڪانه ڪا گفتگو پياري بابوءَ سان ڪندا رهو. توهانجو اَهڙو اَڀياس ٿي ويندو، جو ڪم ڪار ڪندي به اِها گفتگو پنهنجي توهانجي اَندر هلندي. بابوءَ جي يادگيري، اِها طرح هن جيون ۾ اَسانکي سکڻي آهه. ڪم ڪار ڪندا رهو، ٻر اَندر ۾ اُن اِڪ جي يادگيري رکندا ڪريو. اَسان مان ڪيترن کي آفيس ۾ دماغ جو، لکڻ جو ڪم ڪرڻو پوي ٿو: پوءِ اَسين ٻيو ڪم ڪئن ڪري سگهون. اَسان کي ڪهي ته اِن حالت ۾ ٿوري ٿوري وقت ڪانپوءِ پياري بابوءَ ڏي نهاريون. چئون:- "ويٺو آهين نه؟ ڇڏي ته ڪونه ويو آهين؟ مان توکي ڪم ۾ وساري ڇڏيان ٿو. اَهڙو ڪم مونکي ڏنو اَٿيئي. بابو! تو اَهڙي حالت ۾ رکيو آهه. هاڻ جوابداري تنهنجي اَٿيئي. مان توکي وساريان: تون ته وسارجانءِ! نگهبان

اڳواٽ ئي اوهان ويچار ڪيو. توهان پروگرام جا پترا ڇپائي ورهايا
توهان هال جي booking ڪرائي، نہ تہ هي هال بند پيو هجي
ها . Plan ڪرڻ اسانجو ڪم آهي، پر جي اسانجي plan عملي
روپ نٿي وٺي ، تہ اسانکي ڪو شوڪ نہ ڪرڻو آهي .

" آڳي ڪرو نہ شوڪ ! "

سمجهو مون سڀڪجهہ plan ڪيو، مان هت انڊس. پروگرا
جا پترا ڇپائي ورهايا ويا . سڀڪجهہ ٺيو. پر هيٺئر اچڻ وقت
اچي اهڙو تہ ڪو طوفان لڳو، جو ماڻهو گهر کان ٻاهر نڪري نہ
سگهي . شوڪ نہ ڪريو. پريو! انہ بہ ڀلو هوندو !
" جا تہ ڀاوي، سائي ڀلي ڪار!" تڏهن تہ تو ائين ڪر
ڏنو. پريو اسانجي ماتا آهي. پتا آهي، پتا ماتا توريئي اهڙي
ڳالهہ ڪرڻ ڏيندا، جنهن ۾ اسانکي نقصان ٿئي. نہ! اسانجي
ڀلي واسطي ئي ڪندا . سمجهو تہ ڪو ننڍڙو ٻار پنهنجي ما
کي چوي ٿو:- " امي! مونکي ماچيس ڏي. مان توکان ننڍڙ
شيء ٿو گهران، ڪا وڏي شيء ڪونہ ٿو گهران." ماتا چوندي
" ماچيس مان توکي ڪونہ ڏينديس. تون ڀل ٻيون وڏيون شيو
گهر، اهي مان توکي ڏينديس. پر ماچيس مان توکي ڪ
ڏينديس. متان تون ٻارڪي ٻاهہ ڏيئي ڇڏين. " پتا ماتا هميش
اسانجو ڀلو چاهيندا . انڪري جيڪڏهن مان ڪيڏيون بہ ans
ٺاهيان، تنهن هوندي بہ جي اهي عملي روپ نٿيون وٺن تہ شو
نہ ڪريون. چئون :- " پريو! انہ بہ اسانجو ڀلو هوندو." پيا
دادا (ساڌو واسواڻي) وري وري اسانکي چوندو هو:-

God upsets our plans to set up His own. He sets
His plans. And His plans are perfect. Our plans are
perfect .

اسانکي خبر ئي ڪونهي تہ هڪ ڪن ڪانپوء ڇا ٿيڻو آهي

ڪڏهن ڪڏهن حجت ٿيندي آهي. ٻيءَ کي حجت ڏاڍي وڻندي آهي. ٻه ايمان ۾ نه، نخرت ۾. ڏسو راڌا ايمان ڪيو. هڪ پيرو ايمان ڪيائين، شيام ڇڏي ويس. نه ته، ڪرشن چيو هوس ته مان تنهنجو ٻڌو ٻانهو آهيان. ٻولي ۾ ٻيو ٻڌو ٻانهو ٿئي ٿو.

هڪ ڀيڻ:- دادا، ساڪار ۽ نراڪار ۾ تفاوت ڪهڙو آهي؟

دادا:- آهي ته هڪ، پر ٻه پاسا اٿس. هڪ پاسو اٿس ساڪار، ٻيو پاسو اٿس نراڪار. آهي هڪ: ٻه ته آهن ئي ڪونه. ٻه رڳو ڏسڻ ۾ ٿيا آهن، نه ته آهي هڪ ئي هڪ.

" ٻيتي ڪو ڇتوو نهين، آڳي ڪرو نه شوڪ:
ورتمان سي ورت لو، تا گنيئي نردوڪ!"

هاڻي هن گهڙيءَ جو اسانکي فائدو وٺڻو آهي؟ ڪهڙيءَ طرح فائدو وٺڻو آهي؟ ڪير آهي، جو فائدو وٺي ٿو؟ ڪيترا ماڻهو چوندا، جي اسانکي فائدو وٺڻو آهي هن وقت جو ته، اسين وڏن بنگلن ۾ رهون، عيش عشرت، ڀوڳ جي زندگي رهون. پل رهي ڏسو. توهين ڏسندا ته توهانکي هٿ ڪجهه به ڪونه ايندو. اهي سڀ پاڇا ئي ويندا.

انڪري جيڪو انسان ورتمان سان ورتڻ چاهي ٿو بعدي هي دم جو ڪيس آهي، جنهنجي پڪ ڪيس آهي، انجو فائدو وٺڻ چاهي ٿو ته ٻهراڻ ٻهراڻ هيءَ ڳالهه ڪري ٿو. ڀوڳ جي ويچار کان ٻوڙي رهي ٿو. چوي ٿو:- "ڀوڳ مونکي ڪهڙي ڪين: ڀوڳ ۾ روڳ آهي." هي سڀو سنسار، خاص ڪري امبئي، ڀوڳــ سان پوري ڀريئي آهي. هڪ ٻالڪيءَ مونکي اڄ چيو:- "مان وڃان ٿي فرنيچر ڏسڻ." فرنيچر به هڪ قسم جو ڀوڳ آهي. ڀوڳڻو آهي نه. ڀوڳ ملي ته اسانکي ٿي ڀوڳڻو آهي.

هڪڙي مائي هوندي هئي، مونکي يادگيري آهي. ڪيس فقط هڪ فراسيءَ جو ڪر هوندو هو ۽ هڪ منڪي. ڏاڍي

تي وڃو نهارجانءِ!" پياري پرڀوءَ سان پنهنجائپ سان ڳالهايو
پنهنجو آهي! پنهنجن کان پنهنجو آهي! پيڙن کي خبر آهي، پنهنجن
گهوٽن سان ڪيئن ڳالهائيندا آهن. ان کان وڌيڪ پيارو پرڀ
پنهنجو آهي.

هڪ ٻار:- اهي گهوٽ ته ساڪار آهن نه؟

دادا:- پرڀو به ساڪار ٿيندو. هڪڙي ڇوڪري هئي، وڃي
ٻار سان ڳالهايائين. چيومانس:- "ڇا وڃي ٿي ڪرين؟" چيائين:
"پنهنجي گهوٽ سان وڃي ڳالهايان." چيومانس:- "توکي گهوٽ
ته آهي ئي ڪونه. تون گهوٽ سان ڪيئن وڃي ڳالهائين؟" آ
۲۰ ورهين جي هئي: شادي ڪونه ٿي هئس. چيائين:- "مو
ته پنهنجو گهوٽ چونڊي ڇڏيو آهي، مان ان سان وڃي ڳالهايان."
چيومانس:- "اهو ڪير آهي؟" چيائين:- "M. A. پڙهيل
آهي. Voltas ڪمپنيءَ ۾ Superintendant آهي. ڪيس خ
ڪونه آهي." هن ٻار نراڪار کي ساڪار ڪيو. ۽ س
پڇ ڳالهه اهڙي آهي، جو توهين اعتبار ڪونه ڪندا. هن ڇوڪري
کي مائٽن آڻي انجي، جو Voltas ڪمپنيءَ ۾ uperintendant
ٿي ڪم ڪندو هو، جنهن M.A. امتحان پاس ڪيو هو. ۽ مونک
ڪجهه وڌيڪ پڻ ٻڌايائين. چيائين ته "هن جي نرڙ تي پا ڪنڌ
ڪارو داغ آهي."

هڪ ٻار:- دادا، سچو آهي هوس ڇا؟

دادا:- نه، نه. ساڪار ۾ آيس. ٻار جي هيءَ ڇوڪر
سمسار طرح گهوٽ کي ساڪار ڪري ٿي نراڪار مان ته اسي
ڇو نه پرڀوءَ کي ساڪار ڪريون.

ٻار:- دادا، اسين ڪيئن ساڪار ڪريون؟

دادا:- هميشه ٿي ڪريس. پنهنجو آهي. پنهنجائپ س
ڳالهايوس. پيار سان ڳالهايوس. حجت سان ڳالهايوس. پيار

جو نالو هو "ڪرشنا ڪنج." روز صبوح ۽ شام اُت ستسنگ ٿيندو هو. ڇهين ڏينهن گيتا ڪلاس ٿيندو هو. هڪ ڏينهن اِن "ڪرشنا ڪنج" جي ڪنڊ تي پياري دادا وڏي پڌ ڪيو. پياري دادا مٿان ڪڏ تان هيٺ نهاريو. ماڻهو پئي آيا ويا - ڪي سائيڪلن تي، ڪي موٽرن ۾، ڪي ٻــيءَ طرح پيدل. نهاري پياري دادا چيو:- "ڏسين ٿــو؟ قيدي! قيدي!" "ڪرشنا ڪنج" اُهڙي هنڌ ٺهيل هو. مــان سمجهان ٿو، اڌ - مدو ميل پري جيل هو. مان گهڻو ئي پيو نهاريان، قيدي ته ڪٿا ڪونه. گهڻن ئي ماڻهن ڪــي سوٽ بوٽ پيل هئا. ڪي موٽرن ۾ پئي ويا، ڪي سائيڪلن تي. اُن وقت پياري دادا اِهي اکر چيا، جي منهنجي دل تي اُڪريل آهن، جو جو مان پاڻ اُنهن مان هڪ آهيان. چيائين:-

"Prisoners, prisoners of desires are the people. Alas! they know not of their bondage!"

پياري دادا چيو:- "هي سـب لوڪ جيڪي آهنئي، سي پنهنجي ترشنائن جا قيدي آهنئي، پر ڪين اِن قيد جــي پروڙ ڪين آهه."

نر اِڇا - اِهو هڪ سبق جيڪو مان اَڄ پاڻ سان کڻي وڃان. نر اِڇا ٿيو! پريو! موکي نر اِڇا ڪر. پر موکي پاڻ واسطي، پنهنجي ڪمل قدمن واسطي ڀڳتي ڏي، پياس ڏي ته مان تنهنجا ڪمل قدم پايان. اِها اِڇا ڪين آهه. اِها آهه پياس.

There is a difference between desire and aspiration. Aspiration is lavitation, it takes you upward. Desire is that drags you down.

هڪ پڇيو:- دادا، پاڻڪي ڪيئن سڃاڻون؟

دادا:- پاڻڪي اِئين سڃاڻون، جيئن هڪبئي ڪــي سڃاڻون

آنند ۾ رهي پيئي هوندي هئي. ٻـوءِ سندس گهومڻ شاهوڪا
ٿيو يا ڇا ٿيو، سندس گهر ۾ سوفـا سيٽ (Sofa set) آيـا
ميزون آيون. ويچاري ڦاسي پيئي. چيائين:- "ٻوڄ، آهي ٻوڄڻو
اُنهن جي صفائي ڪرڻ، اُنهن جي سنڀال لهڻ. جي نـه ڪر تـ
رات جو منگهڻ اچي ٿا لڳن."

ٻهراڻ ٻهراڻ نشاني آن اِنسان جـي توهين ڏسندا سادگي،
ٻوڄهه ڪان ٻري. اَسانـکي سڄو وقت اِهو ويچار: پارٽيءَ لي وڃون
هيٺريون dishes ٺاهيون: هي ڪريون: هو ڪريون. سڄو وقت
اَسانجو ويچار اِن ٻاسي. ڏسو، صبوح جو اٿون ٿـا، ٻهراڻ ٻهراڻ
ويچار کڙو ٿا ڪريون؟ اَڄ نيرڻ ۾ـي هي کائيندا سين، هـي
ٺاهيندا سين. اَڄ منجهند جو هي ٺاهيندا سين، هي کائيندا سين،
اَڄ رات جو هي ٺاهيندا سين، هي کائيندا سين. اَڄ نڪرندا سين
ته هيءَ ساڙهي پهريندا سين. فلاڻي رنگ جي ساڙهي پهريندا سين،
ويچار ڪريو اَسانجي ورتي کهڙي ٻاسي ٿي وڃي. ٻ جو ورتمان
۾ هلي ٿو، تنهنجي ورتي اِها ڪين آهـ. هو سمجهي ٿو تـ
جيڪا ڪمائي ڪرڻي آهي، هيئر ڪري وٺان. اِنڪري اُه
ٿر اِڇا رهي ٿو. ڪا اِڇا نٿو رکي.

ڇا آهي، جا اَسانـکي هن دکه چڪر سان ٻڌي وٺي آهي؟
هي دکه جو چڪر، هي ڪشٽ جو چڪر، جنم مرڻ جو چڪر
اُن سان اَسانـکي ڇا ٻڌي وٺي آهي؟ ٻئي ڪنهن ڪونه ٻـڌ
آهي اِنسان ٻاڻـکي ٻاڻ اِن چڪر سان ٻڌو آهي. اِڇـائن جـور
نوڙيون ڪٽي اَسين ويا ٻاڻـکي اِن سان ٻڌون. اَسانجون ترشنائو
اَسانـکي ٻڌن ٿيون. هي جيڪو "ورتمان سي ورت لو" اِنسا
آهي، چوي ٿو:- "مان ٻاڻـکي ٻڌندس ڪين. مان آزاد رهندس
مان اِڇا دل جي اَندر نه رکندس."

ٻيارو دادا ڪراچيءَ ۾ هو. جنهن جڳهه ۾ رهندو هو. اُن جڳ

أڪثر ڪري اَسين جڏهن اَندر هلون ٿا، پنهنجو "پاڻ" پاڻ سان ڪٽي وڃون ٿا. اهو "پاڻ" اَسان کي ڏاڍو مجهائي ٿو. اَڪيلا ٿيون. انڪري ويراڳي ٿيون، ويراڳ پائڻ ۾ وڌون. هن راهه ۾ ٻن ڳالهين جي ڏاڍي ضرورت آهي:- (١) هڪ ڳالهه 'ويراڳيه' ۽ (٢) ٻي ڳالهه 'اَڀياس'. ويراڳيه ۽ اَڀياس جي اَچي وڃي ته پوءِ ڏاڍو سولو آهي.

پيٽر:- دادا، اَسانجي گروءَ کي خبر پوي ٿي؟

دادا:- ضرور پوي ٿي. ڪيترا پيرا مدد به موڪلي ٿو. ۽ اَسانکي خبر پوي ٿي ته اَسانکي مدد پهتي آهي. ويراڳيه وڙلي هجي. هي سڀ جيڪي آهي، سو سڀ ناس آهي، فاني آهي. ڪجهه ڪين ٿو ساڻ هلي. جڏهن پنيان سڄو ڏينهن پيا ڊوڙون پايون، پيا سهڪون، اَسان مان ڪن ڪن حالتن ۾ ڪيترا سهڪي سهڪي هڪ ڏينهن ساهه به ڇڏيون ٿا: پر پراپتي ڪجهه ڪونه ٿي ٿئي. انڪري پاڻ کي سيکاريون ته هي ڪتب ڪونه ايندءِ.

گرو جي ساکيءَ ۾ لکيل آهي ته هڪ نوجوان گروءَ وٽ اَچي ٿو. چوڻس ٿو:- "گرديو! مونکي گهر ۾ ڏاڍو زور ٿا ڪن ته مان شادي ڪريان، پر منهنجي دل ۾ ورڻي ويچار اَچي ٿو ته مان جيڪر سنياس اَختيار ڪريان. مونکي ٻڌايو ته شادي ڪرڻ بهتر آهي يا سنياس ۾ رهڻ بهتر آهي؟" گرديو چيس:- "توکي ان ڳالهه جو جواب ملندو. پر پهرين هي اَسانجو هڪ ڪم ڪر. اَسانجو هڪ پيارو پوڙهو پري رهي ٿو. اُنکي هڪ خط پهچائي اَچ ته توکي پاڻيهي جواب ملندو." هي اِهو سڻيهو، اِهو خط کڻي ويو: وڃي اُنکي پهچايائين. جنهن مهل پهتو ٿي ته رات اَچي پيئي. پڇا ڪيائين ته "هتي ڪو آهي، جو رات جي واسطي مونکي رهڻ ڏي ۽ رات جي ماني جيڪر مونکي کارائي؟" چيائونس:- "اَڙي! هن ڳوٺ جو مکي سدا ورت هلائيندو آهي.

ٿا. تون ڪڏهن ڪي سڃاڻين يا نه؟

پٽ :- سڀني کي سڃاڻان.

دادا :- جيئن سڀني کي سڃاڻين ٿي، اهڙيءَ طرح تو
پاڻ کي سڃاڻ.

پٽ :- اهو سڃاڻڻ نه ٻيو آهي ۽ هي سڃاڻڻ ٻيو آهي.

دادا :- ڇو؟ واسطو ۾ ساڳيو ٿي آهي. ٻيو آهي، جسماني
مونهه ٻيائي آهي.

پٽ :- پاڻ ۾ پيهي ڏسڻو آهي.

دادا :- ڀلا ٻين کي ائين ٿي ٿي سڃاڻين، انهن جي اند
پيهين ڪونه ٿي؟ ائين ڪيئن تون ٻين کي سڃاڻي سگهندين؟
تون ضرور انهن جي اندر پيهي هوندين، ضرور ڇوندي هوندين
ته هن جو ويچار هي آهي. فلاڻي هيئن ڪيو آهي، ڇو ته سندس
ويچار ائين آهي. ضرور ائين ڪندي هوندين. انهن جي معن
ته تون انهن جي اندر وڃين ٿي. هاڻي جي تون ٻين جي اند
وڃي سگهين ٿي ته پنهنجي اندر ڇو نه ٿي وڃين؟

پياري دادا کان هڪ ڏينهن اهو سوال پڇوسين. چيوسمس:
"دادا! اندر وڃڻ جي ترڪيب ڪهڙي؟" پياري دادا چيو:
"گهڻن ئي رستن تان پنڌ ڪيم، جدا جدا رستا. ڪيترائي رس
آهن، جي پرڀوءَ وٽ وٺي هلن ٿا. ڪيترائي رستا آهن، جي پا
پڃاڻڻ جي منزل ڏي وٺي هلن ٿا. ڪيترن ئي رستن تان پ
ڪيم، پاڻ کي ڪين پڃاڻيم." پوءِ پياري دادا چيو:- "نيم
هڪ هٿيار ڪنيم.- نام جو هٿيار. نام جو هٿيار هٿ ۾ ڪٺي گهڙ
پيس اندر. اندر موجون ئي موجون آهن." ۽ اهو هٿيار اس
مان هڪ هڪ کي آهي. ڪٺي هلون اندر. پر انلاءِ اڪيلائ
ضروري آهي. اڪيلائي نه فقط اها ته اسانجي پرسان ٻيو ڪو
هجي، پر اڪيلائي اها، جڏهن اسين "پاڻ" پاڻ سان نه هجو

مٺائيءَ جون ڪي پيٽيون هيُس، هُن سنياسيءَ جي چرنن ۾ رکيائين ۽ ڪي نوٽ به رکيائين. چيائينس:- "ڪرپا ڪري قبول ڪجو." اِئين چئي شاهوڪار هلندو هليو. سنياسيءَ ڪي نوٽ ٻڪ هڻي. سنياسيءَ ڏٺو، سامهون نوجوان ويٺو آهي. سڏيائينس، چيائينس:- "پيارا! مٺايون آيون آهن: منهنجي لاءِ فقط ڪونهن، سڀن لاءِ آهن: اچي کائو، جيڪي کپي." پاڻ کاڌائين، نوجوان کي کارايائين. وري پنهنجو سانت ۾ ويهي رهيو. سانت ۾ جو ويهي رهيو ته هڪڙو ماڻهو جنهن کي ڪونيدا هٿا گ-وُ-ن-ٽ-و، اهو اچي اُتان لنگهيو. ڏٺائين جو ته مٺائيءَ جون پيٽيون رکيون آهن ۽ نوٽ رکيا آهن، سو جهٽ پاڻي ڪٽي ٻڌي ويو. سنياسي ته ماٺ ۾ ويٺو هو. نوجوان چيس:- "سائين! توهان کي شاهوڪار اچي مٺائي ڏني، نوٽ ڏنا. هو فلاڻو (گونڊو) آيو، اهو سڀ کڻي ويو." چيائين:- "پيارا! اِئين نه چئه. جنهن ڏنو، سو کڻي ويو. ڏيندڙ اهو آهي. وٺندڙ به اهو آهي ۽ کڻندڙ به، اهو آهي: ٻيو آهي ئي ڪونه."

نوجوان گروءَ وٽ موٽي آيو. گروءَ کي چيائين:- "مان توهانجو پٽ ڀيٽائي آيس، هاڻي مونکي جواب ڏيو ته سنياسي ٺيڪ ڀيٽر آهي يا گرهستي ٺيڪ ڀيٽر آهي؟" چيائينس:- "توکي جواب ڪونه مليو ڇا؟" چيائين:- "مونکي جواب ڪنهن ڪونه ڏنو." گروءَ چيس:- "ڪر خبر تو ڇا ڇا ڏٺو؟" ٻڌايائينس:- "سائين! وات تي مکيءَ جي گهر هيءَ حالت ٿي ۽ سنياسيءَ جي سامهون هيءَ." چيائينس:- "بابا! توکي ته جواب ملي ويو. جي گرهستي ٺيڪ چاهين ته اُن مکيءَ وانگر ٿجانءِ! جي سنياسي ٺيڪ چاهين ته اُن سنياسيءَ وانگر ٿجانءِ! منهنجي لاءِ دروازو ۽ دربار جو کلي ويندو!" نه گرهستين لاءِ دروازو کلي ٿو وڃي،

روز رات جو ۽ منجهند جو، ٻه ويلا پنهنجي گهر سدا ور
هلائيندو آهي. ڪو به مسافر يا ڪو به ڪنگال، شهر جو ني ما
هجي، اتي وڃي کائي سگهي ٿو. ۽ اُن وٽ ڪوٺيون ٺهيل آه
ڪو به مسافر اچي: رات جو اچي اُت رهي." هي ويو. وڃ
قطار ۾ ويٺو. مکي ٻاڻ پنهنجي هٿن سان (مکي هو، ڳوٺ ج
وڏو هو) اچي شيوا ڪئي. جيڪي به آئي هئا، جن به وي
کاڌو، اُنهن جي اچي شيوا ڪيائين. سادو کاڌو هو.- ڦلڪ
دال ۽ ٻيو ڪجهه. پر پنهنجي هٿن سان اچي اُنهن کي کارايائي
ڏاڍي پريم سان، ڏاڍي پيار سان شيوا ڪيائين. ۽ جڏهن ه
سڀ کائي اٿيا، تڏهن چيائين ته جيڪڏهن ڪو به مسافر، جنه
کي رات هت گذارڻي هجي ته منهنجون ڪوٺيون تيار آه
توهين پل وڃي اُنهن ڪوٺين ۾ آرام ڪيو. هي نوجوان جڏه
آئي ٿو، تڏهن کيس خبر پوي ٿي ته هن مکيءَ جڏهن وقت اُس
کي وڃي کارايو، اُنوقت هڪ ماڻهو وٽس آيو ۽ کيس اچي ڪ
۾ ڪجهه چيائين. چيائينس ته "تنهنجو هڪ ئي ٻار راند وي
ڪيائين، کوهه ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو. کيس ڪڍيائون، ڏنائو
ته منجهس ساهه هوئي ڪونه." اهڙا خبر اچي هنکي ڪن
ڪنهن ڏني. تنهن هوندي به هن شيوا جو ڪم نه ڇڏيو. چيائين
"ٻالڪ هاڻ مري ويو: هاڻ مان وڃان ته ڇا ڪري سگهندس
ٿورو ئي ساهه هجيس ها ته ڪري مان وڃي اسپتال ۾ سنڌ
علاج ڪرايان ها. پر هاڻ ته مري ويو. پريو! شڪر! تو ڏنو:
ورتو! شل تنهنجي جوت هميشه زنده رهي!" اِئين چئي و
ڪم کي لڳي ويو.

ٻئي ڏينهن هي نوجوان اٿيو: پنڌ پيو. واٽ تي هڪ سنيا
ڏنائين. هن سنياسيءَ جي اڳيان هڪ شاهوڪار اچي لنگهي
اَلائي ڇو شاهوڪار کي ڇڪ ٿي: سو پنهنجي گاڏيءَ مان

شل ٻٽ سان ٻــار ڀڄان!

دادا:- اڄ جو ويچار:-

” نانڪ ٻٽ سيٽي گهر جاءِ! “

پيارو دادا چوندو هو:- ” ٻيون ڳالهيون ڀل توهين وساريو. پر هيءَ هڪ ڳالهه نه وساريو ته توهين سڀ ياتري آهيو، مسافر آهيو.“ اسان مان هڪ هڪ ياتري آهي. هي سنسار اسانجو گهر ڪونهي: پر اسين پنهنجو گهر ڪري سمجهي ويٺا آهيون. انڪري جهڳڙا جهيڙا ڪريون ٿا، ڪورٽن ۾ وڃون ٿا. ڪورٽن ۾ ڪير ويندو؟ جيڪو سمجهندو، منهنجو گهر هتي آهي.

” نانڪ ٻٽ سيٽي گهر جاءِ! “

”ٻڌو! شل مان ٻٽ سان هلي ٻار ڀڄان!“

ٻـي مسافريون آهن، جنجو ذڪر صوفين جـي پستڪن ۾ اچي ٿو:-

پهرين مسافري اها، جنهن ۾ شايد اسان مان ڪيترا آهـن. اها مسافري جيڪا اسانکي وٺي وڃي ٿي پرلوءَ کان پري پري ڪندي. ٻيو، مان هيٺئر مسافري شروع ڪندس. پرلوءَ جي اها الاڻي ڇا آهي؟ دم دم جو خبر آهي! ٻـر جي سياڻـي مسافري شروع ٿي، نه ويندس پوني کان وڌيڪ پري پوندو. سيان ١٢٠ ڪلو ميٽر پري اميٽيءَ ۾. ٿن ڏينهن ڪانپوءِ هزارين ميل پري سينگاپور ۾. انين ويندس ٻـري ٻـري پوندو. ٻهرين پهرين مسافري آهي اها، جنهن ۾ اسين سنسار، سنسار جي چيزن،

جيڪڏهن اَسين سڀڪجهه ”شڪر“ ڪري قبول ڪريو
شڪر! شڪر! شڪر!

[ٻامبي : ٨-٨-١٩٨٦

آلس اکين ۾

سڄو ڏينهن غفلت ننڊ ۾ گذاريم :
ڪمل مکڙو سونو، اَهڙا ڪين لهاريم :
ألا مونکي آلس آهه اکين
ڏنا وجهه مونکي تو، سڀئي وڃايم :
عيش عشرت پوئي، نه پيو ڪجهه پرايم : ألا
حرص حواسن ۾ هيرو جنم گنوايم :
نڪي لڄ ڪيم، نڪي نام ڪمايو ! ألا
نڪي ڪرم، نڪي ڌرم، ڪيم ڪين ڌيان :
تنهنجي در تي داتا! پيان پيئي مان اَحسان! ألا
هيءَ ننڊ نڌوري، اَچي تون اُٿار :
بيوس بندي مان، مونکي پار اُڪار ! ألا
پنڌن جو ڀاون، هيٺن جو همراه :
پراڻيون جي بيڙيون، آهين تون ملاح ! ألا
سج هاڻ لهي پيو، نماشام آئي :
پيا تو نه اَنجليءَ ڪئي، اُميد آهه ڪائي ! ألا

مٿيون منجهائي ڇڏي. نارد جڏهن اکيون ڦاڙي وڃي ڏٺيون! ان سڀني سان گڏ وري ڳالهائي ته مک مان، اکن مان قسمين قسمين جون سڃاڻون پيون اچن. ويچارو نارد! وسري ويس ته مان ڪهڙي ڪم لاءِ هت آيو آهيان. مان شري ڪرشن کي ڏسائي هتي آيو آهيان. مون چيومانس ته ”مان کن ۾ تو لاءِ پاڻي ڪڍي اچان.“ سڀ وسري ويس. ڳالهه وڏي آهي. نارد ڇوڪريءَ کي چوي ٿو:- ”مان توکانسواءِ رهي نٿو سگهان.“ ڇوڪري چويس ٿي:- ”منهنجي به حالت اها ٿي آهي. مون به توکي ڏٺو آهي: تنهنجو منهن ڪيئن نه پيو چمڪي! الائي ڪهڙو نُور تنهنجي منهن ۾ پيو ٻري! مان به توکانسواءِ رهي نٿي سگهان.“ شادي ڪن ٿا. ٻار ڄمن ٿا. نارد ويٺو آهي: وسري ويو اٿس.

اها پهرين مسافري آهي،- The journey away from God.

وڃي پيو وڌيڪ شري ڪرشن کان پري پوندو.

پوءِ اُتي جتي رهيل آهن، ڪالرا يا ٻي ڪا بيماري اچي پوي ٿي. نارد پنهنجي ڌرمپتنيءَ کي چوي ٿو:- ”هاڻ هن نگر ۾ پل نه رهون. هلون اڳتي. هتان ٻچي نڪرون.“ ٻچي نڪتا آهن. واٽ تي ندي آهي. نديءَ تي هڪ ننڍڙي ٻيڙي ٻـل لهيل آهي. پل ٽان هلن پيا. پاڻيءَ جي ڪا ڇول اچي ٿي، ٻارن کي گهلي وڃي ٿي، زال کي گهلي وڃي ٿي. نارد روئي ٿو. روئي پيو! اوچتو آواز ٻڌي ٿو:- ”نارد! مونکي اُڃ آهي! تون مون کي پاڻي اچا ڪڏهن پياريندين؟“ نارد جي مک مان ڇرڪ نڪري وڃي ٿو:- ”اڙي! هي مون ڇا ڪيو؟ مان ڪرشن کي هتي ويهاري آيو آهيان ته مان تنهنجي لاءِ پاڻي ڀري ٿو اچان. هي مون ڇا ورهي ڪيو آهي؟“

اهڙو ڪونه ڪو آزمودو اسانجي جيون ۾ اچي ٿو. هڪ هڪ آزمودو اسانکي سيکاريندو اچي ٿو. هڪ هڪ آزمودو اچي ٿو

سمسار جي رڱن ۾ غلطان ٿي پرڀوءَ کي وساري ٿا ڇڏيون. وچو
پيا پرڀوءَ کان پري پري ٿيندا.

پوءِ ڪانءُ ڪا ڳالهه ٿئي ٿي. اسانجي اندر سڄاڳي اچي ٿي
” اڙي! هي مان ڇا ويٺو ڪريان؟ مانڪ، جنم مونکي مليو
واسطي؟ مان پنهنجي پرين، پنهنجي پرڀوءَ کي وساري و
آهيان! منهنجو جيون داتا، جنهن سڀڪجهه مونکي ڏنو آهي
انکي وساري ويٺو آهيان!“ اها ڀاونا جڏهن اندر ۾ اٿي ٿي
انسان سڄاڳ ٿئي ٿو. پوءِ چوي ٿو:- ”مان ٻي مسافري شرو
ڪندس.“ اها مسافري آهي ”Back to God“ پهرين مسافري
آهي ” Away from God “. پوءِ مان چوان ٿو:- ” مان پرڀو
جي وڌيڪ وڌيڪ نزديڪ وڃان!“ ستسنگ ۾ جيڪي پيارا يا
پيدرون اچن ٿا، انهن جي دل اندر ٿوري ڪجهه اها سڄاڳي
آئي آهي:- ”اسين جيڪر پرڀوءَ کي پايون. اسين پرڀوءَ ج
آهيون، پرڀوءَ مان نڪتا آهيون، پرڀوءَ ۾ هلي وري سمايون!

تنهن ڏينهن توهان سان نارد جي ڳالهه ڪيم. نارد چيو شر
ڪرشن کي:- ”مونکي مايا جو ڪو آزمودو ڏي.“ تڏهن شر
ڪرشن چيس:- ”پوري وقت تي توکي آزمودو ڏيندس.“ ه
ڏينهن پنڌ پئي ڪيائون. هڪ ٽڪريءَ تي پهتا آهن. شر
ڪرشن چوي ٿو نارد کي:- ”نارد! مونکي ڏاڍي اڃ لڳي آئيٽي
مونکي جيڪر پاڻيءَ چڪو پيئارين.“ نارد چيو:- ”ڪن ۾
کڻي اچان. منهنجا محبوب! تون پاڻي گهرين ۽ مان دير ڪريا
اجهو ٿو کڻي اچان.“

اها شب پاولا کڻي نارد وڃي ٿو. سامهون ڏسي ٿو، هـ
گهر آهي. دروازو کڙڪائي ٿو. اندران هڪ اپسرا جهڙ
ڇوڪري نڪري ٿي. ڏاڍي سهڻي ڇوڪري! شل اسانجي نزدي
۾ نه اچي! اهڙي پراٿنا ڪندا رهجو. سهڻي ڇوڪري ڪڻن

"ناٽڪ پٽ سهڻي گهر جاءِ!"
"وري ڪهڙن پٺڪان،
نه اونده ۾ انڪان:
راڻا! رهان تنهنجي روبرو!"

ڪيڏو نه جيڪر آنند اچي! اسانجي اندر جي اوستا بدلجي وڃي! ننڍڙيون ننڍڙيون پرارٿنائون اسانکي نئون هدائي سگهن ٿيون. پر اسانجي حالت ڏسو ڪهڙي آهي؟ بيشڪ ٻاهران پائوڊر پينٽون هڻي پيا گهمون، پر اسانجي اندر جي اوستا ڪهڙي آهي؟

مس يوگوسلاويا! مس يوگوسلاويا معنيٰ يوگوسلاويا ملڪ ۾ سهڻي ۾ سهڻي، سندر ۾ سندر بالڪي. اُت Beauty Competition (سونهن وارين ڇوڪرين جي چٽاڀيٽي) ٿيندي آهه. ڪيترين ئي ڇوڪريون اينديون آهن. هڪ هڪ چوندي آهي:- "مون جهڙي وري ٻي ڪا سهڻي آهي ڇا؟" هڪ ڏينهن مان هڪ گهر ۾ ويس. دروازو کليو پيو هو. لنگهي ويس اندر. هڪ ڇوڪري ڏٺم. آرسيءَ ڏي نهاري ويٺي چوي:- "ڪسم! تو جهڙي نه ڪا سهڻي ٻي؟" مان پڇو چوان:- "ڪسم ڪٿي آهي؟ ڪهڙي ڪسم سان ويٺي ڳالهائي؟" سندس نالو ڪوڪسم هو. ڏٺم ته اها ڪسم آرسيءَ واري هئي. آرسيءَ ۾ ڪسم کي ويٺي ڏنائين. ڪسم ڏسي ڪسم کي. ٻي ڪا وڏيڪ اُن کان سهڻي ڪين. هڪ هڪ ڇوڪري ائين سمجهندي آهي. ڪا ڇوڪري جي توهانتي ڪاوڙيل هجي يا گهر ۾ تڪرار وغيره ٿين ٿا، جي توهين اُن ڇوڪريءَ جي سونهن admire ڪندا، هڪدم سڀ وسري ويندو.

هن چٽا ڀيٽيءَ ۾ سڀ اچي ويٺيون. هڪ هڪ پئي چوي:- "مان سهڻي! مان سهڻي!" ٻوءِ جيڪا هڪ چونڊ ٿئي، مس يوگوسلاويا، اُنکي Crown پائيندا آهن ۽ هڪ Band نه ڪيس

اِن وِچار سان تہ اَسين ٻهاري ٻهوءِ ڏي واپس موٽون. ٻوءِ ٻ
ٻوي ٿي تہ هيءَ مايا جي شڪتي ڏاڍي ٻربل آهي. جڏهن اِ
وِچار اَچي ٿو تہ هيڏو مان موٽان، تڏهن سان گڏ گروجن جي
پرارٿنا اَسانجي دل اَندر اُٿي ٿي :-

"نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!"

پريو! مونتي ڪرپا ڪر تہ شل پت سان هلي پار پهچان!

سائين موُلچند جڏهن جڏهن ٻيڙي هٿ اِيندو هو، اِها ٿ
ڳالهہ چوندو هو، نہ تہ چا تہ سندس پهچ هئي! چوندو هو:- "هڏ
ٿي آسيس ڪبير تہ اِئين نہ ٿئي، جو مالڪن وٽ موٽي هلان
چون ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو!" اَسان مان ڪيترا هلنداسين
اَسانجي حالت اِها ٿيندي. اِنڪري گروجن چون ٿا، نپ ٿ
ٿي اِهو وِچار توهين پنهنجي اڳيان رکو، اِها پرارٿنا پنهنجي د
جي اوُنهائيءَ مان ڪريو:-

"نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!"

شل پت سان هلي پار پهچان!

هي مايا جو کيل اَهڙو آهہ، ڪٿي تہ وڃون، ڦاسي پئون
ڪٿي تہ وڃون، اَٽڪجي پئون. اِنڪري پياري دادا پرار
ڏني :-

"وري ڪين پٽڪان،
نہ اوُندہ پر اَٽڪان:
راڻا! رهان تنهنجي دوُارڏ!

ڪانہ ڪا پرارٿنا ڪٺي وڃو ڪندا. وري وري ڪريو. اَج
وِچار ٻيا ڪريون، ڏسو اَسانجو من: اَڄ ٿي لک باوڻہ هزار
اَجايا وِچار ڪيائين. اُنهن جي بدران جي ٿي لک باوڻہ هـ
دفعا اَسانجي دل جي اَندران هيءَ پرارٿنا اَچي :-

ڪوڙو. اَچوڪو ڏينهن وري هٿ ڪونه ايندو. اُف اُف آهــي اُف اُف! اُف! اُف! اَچوڪو ڏينهن اِهو آواز ڪَڍي آيو آهي. ٻيو چوندو:- ”٤-٢-٨٨، اُن ڏينهن اَلن ۾ ويهه مدت، جيڪي تو پاپ ڪيا آهن، سي توکي معاف آهن. هاڻي تون پنهنجي جيون نئين ڪر!“ ٻيو اُسانکي وجهه ڏئي ٿو. چوي ٿو:- ”هاڻي تون نئون ٿيءُ! هيٺئين ڪانوڻي تون نئون ٿيءُ! اِنڪري اِها پرارٿنا تون پاڻ سان ڪَڍي وڃ. نه فقط پنهنجن چپن سان، پر پنهنجي دل اَندر اُچار :-

”نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!“
”وري ڪين پڇان،
نـه اوُنـده ۾ اَنڪان :
راڻا! رهان پنهنجي روُبروُ!“

جيڪا پرارٿنا توهانکي ڏني، سا اُچاريو. ڪانه ڪا نئين پرارٿنا، جيڪا توهانجي دل کي ڇُهي، اِها اُچاريو. توهين شروع ڪندا، جلد توهانکي وسري ويندي، پر وري توهانکي يادگيري ٿيندي! اِنوقت ترسجو نه :-

”نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!“

ڇا ڪريون، جو اَسين نه هلي پت سان پار پهچون؟ اِنڪري ٻوڙن ٻهرين ڳالهه ٻڌي وري توهانجي چرڻن ۾ رکي اَٿم،- پياري ٻيوءِ سان يا پياري ٻوليءَ جي ڪنهن نه ڪنهن روُپ سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو. پيارو ٻيو اُسانجي صدقـي هـن سنسار ۾ وري وري روُپ وٺي اَچي ٿو. بيشڪ، پاڻ اَروُپ آهي، اِي روُپ آهي، روُپن کان مٿي آهي. پر تنهن هوندي به روُپ وٺي اَچي ٿو، ڇو ته اَسين اگياني آهيون. جي روُپ ڪنا ڏسون ته اُسانجو ڌيان ٿي ڪانه ٿو لڳي. اِنڪري روُپ ڀري اَچي ٿو. جڏهن به روُپ سان توهانجي دل لڳي، اُن روُپ جو توهين ويچار ڪريو.

پائيندا آهن، اُنتي لکيل هوندو آهي ”مس يُوگو-ليويا.“
ٻالڪي ذڪر ٿي. چوي ٿي:- ”اُن رات جو مان سپنو ڏسان ٿي.
۾ هڪ ڪوڙهيءَ جهڙو روپ ڏسان ٿي، جڏهن مان روڄ پيو نڪري
وٺي ٿي واڪا ڪريان. چوان ٿي:- ’ڪير آهي؟ ڪير آه
اِهو روپ مونکي چوي ٿو تہ ’تون واڪا ڇو ٿي ڪرين؟
تہ تون پاڻ آهين. مان رڳو توهانجي اندران نڪري آيو آه
اَڇي توهانجي اڳيان بيٺو آهيان.‘“ هيءَ جا هوڙي سهڻي ڇو
هئي، توهانجي اندر اِهو روپ هو تہ اَسانجي اندر ڪهڙو
هوندو. ڪڏهن جيڪر اُنجو ويچار ڪيو.

پيارو دادا ننڍڙو ٻالڪ هوندو هو. پنهنجي جڳهہ جي
تي ويهي وهندو هو. چنڊ ڏي نهاريندو هو؛ چوندو هو:- ”
مونکي تون چنڊ جهڙو پورو ڪجانءِ.“ پوءِ چوندو هو:- ”
نہ، چنڊ تي بہ داغ آهن، منهنجي جيون ۾ داغ ڪجانءِ،
ڪانسواءِ!“ اِهي داغ اَسين ڪٿي ٿا هلون.

سنسڪرت ۾ ڪڏهن هڪ گيت ڳائيندا آهن:- ”
چادر اوڍڪي ڪٿسي، دوار تهاري آئون؟“ ”منهنجا
ميري چادر پائي مان ڪئين توهانجي دوار اَچان؟ تو م
هوڙي صاف چادر ڏني، مون اُنتي ويهي داغ لڳايا آه
منهنجا پيارا! ڪڏهن توهان ويچار ڪيو آهي، اَسين هم
سنسار ۾ ڪئين آيا هئين؟ ننڍڙا ٻار ٿي آيا هئين. مشڪندڙ
مکڙو، معصوميت سان ڀريل ڪٿي آيا هئين. ۽ هت اَچي اَسا
تي داغ لڳايا آهن.

”نانڪ پت سيتي گهر جاءِ!“

پريو! پت سان مونکي پار پهچائجانءِ! شل رهجي اَچي
تائين جيڪي ٿيو، سو ٿيو. پريو ڏاڍو بخشيندڙ آهي. چ
٤-٢-١٩٨٨، ٤ ڏڻون اَٿ. هي سال اَٺون اَٿ. هي اَٺو ا

اڇا هوندي، سا ڏيندي." ڪرشن ڪڏهن به روپ ۾ اچي سگهي ٿو.

ڪونه ڪو ناتو ضرور شروع ڪريو؛ روز روز اهڙا ناتا وڌو وڌائيندا. هڪڙو روز ٻيو روز جو ڪم ڪار انهي ارپڻ ڪريو. جيڪو به وقت توهانکي ملي، منٽ، ٻه منٽ، ٽي منٽ. اس لاءِ ٻيٺا آهيو، آفيس ۾ ويٺا ڪم ڪريو، گهر ۾ رڌڻ جو ڪم وڻيون ڪريو، ڪڏهن دوست کي ملڻ ويا آهيو، جو چوي ٿو:- "مان اڪيلو ٿو اچان." توهانکي اڌ منٽ مليو، منٽ مليو، اهو اڌ منٽ، منٽ ڪٽڻ آڻيو. ڀڳوءَ سان وڃي گفتگو ڪريو. ڀڳو توهان کان ڀري ڪين آهي. توهانجي سواس کان به وڌيڪ نزديڪ آهي. توهانجي هٿن، توهانجي پيرن کان وڌيڪ توهانجي نيري آهي. رڳو اکيون ٻوٽي، دنيا وساري، انهو ويچار ڪريو ته اسانجي اڳيان ٻيٺو آهي. ڪيڏي نه سندس ڪرپا آهي! ڀڳو ڪونه ٿو چوي ته جي مون سان ملڻو آٿو ته فلاڻي هنڌ اچو. ڀڳو چوي ٿو:- "جت توهين آهيو، جڏهن به وقت توهين چاهيو، چوويهه ئي ڪلاڪ مان توهانجي اڳيان ٻيٺو آهيان، حاضر آهيان. رڳو مونکي سڏيو: مان اچي توهانکي ملندس." اهڙو ٻيو ڪو ڪونه توهانکي ملندو. پيارو ڀڳو چوويهه ئي ڪلاڪ حاضر آهي. هڪ منٽ به ڪونه ٿو سمهي. سڏ ڪريوس: مجال جو جواب نه ڏئي. هڪ منٽ به ڪونه ٿو وڃهي. سڀڪو وقت ٻيٺو آهي. هاڻ اهڙي ڀڳوءَ کي ڇڏي اسين سنسار جي پٺيان پيا ڊوڙون ٿا. ڪيڏا نه ڏکا کائون ٿا، موچڙا کائون ٿا. سنسار اسانکي موچڙا هڻي ٿو. سنسار جي روپ جي پٺيان ڊوڙون ٿا: ڪهڙي حالت اسانجي ٿي ٿي؟

هڪ ڇوڪري مونوٽ ممبئيءَ مان آئي. روئي، جو روئي. پيو ماڻس :- "ڇا آهي؟" چيائين :- "هڪ ڇوڪرو آهي، جڏهن

T.V. تي رامائڻ ڏسڻ ڪري هيٺين ڪيترن جا ويچار رام
وڃن ٿا. رام کي ڏسڻ اُن آئڪٽر جي روپ ۾. ڇڱو اُن رو
۾ پيل ڏسو، جيئن ته توهان کي وڻي: ٻـ رام جو ويچار ڪري
ڪنهنجو اشٽ ديو رام آهي. ڪنهنجو اشٽ ديو ڪرشن آهي
ڪنهنجو اشٽ ديو شو آهي. ڪنهنجو اشٽ ديو وشنو آهي
ڪنهنجو اشٽ ديو گوتم ٻڌ آهي. جيڪو به روپ توهان کي چڱ
ڪنهن نه ڪنهن سنت جو روپ، سنتپرک جو روپ، ٻئي پوڄ
پياري جو روپ، اُن روپ جو ويچار ڪري چئوس:- ل
منهنجو هيءُ آهين- پاءُ آهين، پيءُ آهين، ماءُ جي روپ
ڏسوس. ماءُ جي روپ ۾ ڏسندا ته توهانجو فائدو ٿي فائدو ٿيند
ماءُ وٽ ڪيترا پيرا به وڃجي. ڪڏاهه ٿي وڃو، ڏوه ٿي و
ڇوڪ ٿي وئي. "امي! هاڻ مان ڇا ڪريان؟ مان ته ائين آهيا
توکي ته خبر آهي، توکان لڪل ٿوريئي آهي؟" اميءَ
وڃي سگهو. ٻاٻا وٽ وڃڻ ۾ ڏکيو. ٻاهر دروازي تي اَ
وري موٽي وڃو. هٽندو لٺ، هٽندو ٿڦڙ. جيڪو روپ تو
کي وڻي، اُن سان ڪونه ڪو ناتو جوڙيو. پوءِ اهو ناتو وڃ
وڌائيندا. ڪيئن وڌائيندا وڃو؟ جيڪو ڪم ڪريو، چئو:-
واسطي! منهنجا پريتم! منهنجا پريو! منهنجا ٺاڪر! منهنجا پ
جيڪو ناتو وڻيوَ. مان هتي نياڻين کي چوندو آهيان، توهين
پيهون Boy Friends جي پٺيان ٿرو. هوُ (پريو) y Friend
ٿيڻ لاءِ تيار آهي. ڇري ٿو:- "مان توهانجو y Friend
ٿيندس." هڪ ڇوڪري ڪلهه موٽ آئي. روئي، جو رو
چيومانس:- "ڇا هي؟ ڳالهه ڪهڙي آهي؟" چيائين:- "مو
ماٺت زوري وٺي هلن ٿا امبئيءَ ۾. آمريڪا مان ڪو ڇو
آيو آهي. چون ٿا، اُن سان تنهنجو مڱڻو ڪنداسين." چيائ
"منهنجو Boy Friend ته آهي ڪرشن. هاڻي مان ٻئي سان ش
ڪنديس؟" مون چيومانس:- "ڪرشن ٿي رکـ. اُنجي ج

ڀڳوان جي دربار ۾، اُت ٻاھر فرشتو ويٺو ھوندو. توھان کان پڇندو:-
"توھان سچن سان مٺو ڳالھايو؟ ڪنھن کي رنجايو ته ڪونه؟" جي
توھين چوندا "مون سچن سان مٺو ڳالھايو" توھان کان وڌيڪ ٻيو حساب
نه ڪونه وٺندو. چوندو، لنگھي وڃو اندر. پر جي توھين چوندا:- "نه،
ارابو ڪن موقعن تي مون تکو ڳالھايو"، اُتي ڪي ترسائيندو.
چوندو، تنھنجو حساب ڪتاب ڪنداسين، تنھنجي ٻڌي
کوليندا سين. ھڪ حالت ۾ ڇڏيو موڪل آھي تکي ڳالھائڻ جي.
گروءَ پنھنجي شش سان ڳالھائي سگھي ٿو. باقي ٻئي ڪنھن کي،
مون کي يا توھان کي موڪل ڪونھي. گروءَ ڳالھائي سگھي ٿو.

ڪي سال اڳي ھڪ پيارو ٻاءُ سٽسنگ ۾ ايندو ھو. پياسي ۽
اُپياسي روح ھو. اُسان کي ورڻي چوندو ھو:- "توھين ڏاڍا
سياڻا آھيو!" اُسين چوندا ھئاسين:- "اھو ورڻي ڪئن؟"
چوندو ھو:- "مان ڏسان ٿو، دادا ڪڏھن توھان سان تکو
ڳالھائي ٿو. مون سان ڪڏھن به تکو نٿو ڳالھائي. مون کي ڇڏيو
'ديوان صاحب' 'ديوان صاحب' پيو چوي." سڪندو ھو ته
ڪڏھن دادا مون کي تکو اکر ته چوي ته مان به سمجھان ته مان
به سندس آھيان."

روُپم ۽ سدائم، ٻه ڀائر بنگال ۾ راجا جا وزير ھئا. سندن
جيون ۾ قيرو اچي ٿو. شري چيتنيه جي وڃي شرڻ پڪڙين ٿا.
اُنھا شش ٿين ٿا. ورڻي ورڻي پيا سڪندا ھئا، جو ته شري چيتنيه
کين ڏاڍي عزت سان ڏسندو ھو. ھي چوندا ھئا:- "اُسين
سڪون پيا ته ڪڏھن ته اُسانجو گروءَ اُھڙيءَ طرح ڳالھائي جو
اُسان کي پڪ ٿئي ته اُسين سندس آھيون، اُسان کي پنھنجو ڪيو
اُٿس." فقط گروءَ کي موڪل آھي، ٻئي ڪنھن کي به نه. ڪنھن
سان به تکو نه ڳالھايو. ڪنھن سان به تکو نه ٻولي، پڪدم وڃي
اُنھا چرن ڇھو. ھر اِنسان اُيين نھل آھ، ڪڏھن تکا اکر

سان منهنجي دل وڃي لڳي آهي، پر هوءَ مون ڏي نهاري نٿو."
مون چيومانس:- "تون اُن ڇوڪري کان لکاهه ڀيرا بهتر آهين
تون روئين ڇو ٿي؟" اِهو سمسار اسانکي ٺڪ هڻي ٿو، موچڙا
هڻي ٿو، پر اِن ۾ به ڀريوءَ راز آهي. جڏهن اسين اِهي ٺڪ کائون
ٿا، موچڙا کائون ٿا، تڏهن ٿوري کجھ سڄاڳي اسانکي اچي
ٿي. جي ٺڪ نه لڳن ته اسين جيڪر ڀريوءَ ڏي اچون ٿي نه.
اسين پنهنجي ٿي نشي ۾ هجون.

ڀريوءَ سان ناتو جوڙيو. وڏيڪ وڏيڪ جوڙيو. وڏيڪ وڏيڪ
ڀريوءَ وٽ وڃو. ٽپ ٽپ ٿي کي ڪارڻ ڳولي لهو. مونکي هڪ
بالڪي گڏي: چيائين:- "مونکي ڪو ڪم ڏي." چيومانس:-
"ڇو تون ڪم لاءِ ايڏو منتظر آهين؟" چيائين:- "ڪم هوندو
ته تو وٽ اچي ته سگهنديس." ٽڻن ٽوهين به کي ڪارڻ ڳولي
لهو، جنهن وري وري ڀريوءَ وٽ وڃي سگهو. ايتري قدر سندس
نزديڪ وڃون جو ڪيس ٿڪائي ڇڏيون، پر اسين نه ٿڪجون.
وڃون ناتو جوڙيندا، وڃون ناتو وڌائيندا. پڇنيءَ کان وڌيڪ هن
کي ٻيو ڪجھ کپيوَ ڪين. ڪيس کپي اسانجي دل جو پيار، دل
جي سچي محبت، دل جو پورو پريم.

ٻي ڳالهه جيڪر هيءَ ڪريون. هڪ هڪ سان مٺو ڳالهايون
ڪنهنجي نقطچيني نه ڪريون. پرائي پچار کان پري رهون. هڪ
هڪ اُنجو روپ آهي. ڪنهنکي به نه رنجايون. هڪ پيرڻ آئي
ڏاڍو پيٽي روئي. چيائين:- "فلاڻي کي اکر مون سان ڳالهايا
منهنجي دل ٽٽي ڇڏي اٿس، دل ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي
اٿس." اکرن سان اسين دليون ٽوڙي سگهون ٿا. ۽ دل ۾ ت
وسنو آهي پريو پاڻ. جنهنجي اسين پوڄا ڪريون ٿا، جنهنکي
اسين پاڻ چاهيون ٿا، اسين اُنکي وينا رنجايون. هڪ هڪ
سان مٺو ڳالهايون. گرو نانڪ ديو جن چيون ٿا:- "جڏهن هلند

نہ ڪٽي ويندو هو. ڪيس ويچار ٻئي قسم جا اپندا هئا. نقطچيني
ڪندو هو، چوندو هو:- "اهڙي ماڻهوءَ کي مان ڪيئن گرو
ڪندس؟" ويندو هو، وري موٽي ايندو هو.

منهنجا پيارا! هڪ ڳالهہ جيڪر ياد رکو تہ جنهن جنهن پيري
توهين ڪنهنجي نقطچيني ڪريو ٿا، توهين پنهنجي سڀني سمپتي
انکي ڏيو ٿا. توهانجي سڀني سمپتي، توهانجو آتمڪ خزانو گهٽجي
ٿو. اهو خزانو وڃي انکي ملي ٿو. ۽ خاص ڪري ڪنهن سٺپرک،
ڪنهن مهاتما پرش جي نقطچيني اصل نہ ڪريو. انجي نقطچينيءَ
سان تہ سيڪجهہ گهٽجي ٿو وڃي. مون توهانکي وري وري
ٻڌايو آهي. سعدي هڪ وڏو پارسي شاعر ٿي ويو آهي. توهان
سعديءَ جون couplets پڙهيون هونديون. سعدي چوندو هو تہ
"مان نقطچيني شل ڪنهنجي نہ ڪريان. پر پرڀوءُ! جي هوءُ پوءُ
نقطچيني ڪرڻي هجي تہ مان پنهنجي ماءُ جي نقطچيني ڪريان،
چو جو وري بہ خزانو گهر ۾ ئي هوندو. ٻاهر تہ ڪونہ ويندو."

هي سکڻيو پيري پيري ويندو هو: نقطچيني ڪري موٽي
ايندو هو. پيري پيري هنجي هڪ ڪلا غائب ٿي ويندي هئي.
ٻارهن پيرا ويو، ٻارهن ڪلائون گم ٿي ويس. باقي بہ ڪلائون
اچي بچيس. نارد کي اچي خيال ٿيو. نارد جهڳڙا بہ ڪرائيندو
هو، پر نارد جي دل اندر دايا ڏاڍي هوندي آهي. جيڪي
پرڀوءَ کي پهچڻ چاهيندا آهن، تنکي نارد ڏاڍي مدد ڪندو آهي.
نارد هڪ ڏينهن هڪ بدڙي انسان جو روپ ڌاري هيٺ ۾
ٽوڪري کڻي، مٿي پري، پوريءَ طرح پنڌ بہ نہ ڪري سگهي.
ڏاڍي تڪليف سان مٿي کڻي اچي نديءَ ۾ وڌائين. ندي پٽي
وهي، ان ۾ اچي اڇليائين. وري ويو پي کڻڻ. اتان اچي سکڻيو
لنگهيو. چيائين:- "هي بدڙو انسان، هيڏي تڪليف سان مٿي
ڀلو هڻي وڃي. مٿي تہ پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهي ٿيڻي وڃي.

مڪ مان نڪري ٿا وڃن. "To err is human" اِئين چوندا آهن.
هي دروازا (چپ) جلد کلي ٿا وڃن. اَهڙي ڪا ٽيپ (Tape)
وڃن تي لڳي پيئي هجي، جڏهن کولڻي هجي، ڪٽنهيءَ سان
ڪتري کولجي. يا اَهڙو ڪو Stick fast وغيره هجي جو هـي
چپ تڪليف سان کلن ته مان سمجهان ٿو، اَسانجو ڳالهائڻ جيڪر
بهتر ٿئي. پر اَسانجا چپ اَصل اِئين ٿا کلي وڃن، جو پتو به ڪون
ٿو پوي ۽ اَلائي ڇا ڇا پيو مڪ مان نڪري.

ويد وياس مهرشيءَ جو پٽ سڪديو هو. ننڍي هوندي کان
جهنگ ۾ هليو ويو. چيائين، هن سنسار سان منهنجو واسطو ئي
ڪونهي. چوندا آهن ته ۱۴ ڪلائون ٿينديون آهن، اُن ۱۴ ڪلائن
سان هـيءُ جائو. ۱۴ ڪلائن وارو اِنسان هو. هڪ ڏينهن ڪيس
سندس پتا چوي ٿو:- "سڪديو! تون جيڪر گروُ ڪرين: توکي
فائدو ٿيندو. توکي سيکجهه آهي، پر توکي گروُ اَچا ڪونهي."
سڪديو چوي ٿو:- "پتاجي، مونکي گروءَ جي ڪهڙي ضروُرت
آهي؟ مونکي سيکجهه آهي." پتا چويس ٿو:- "تون گروُ ڪر.
باقي هڪ ڳالهه تو ۾ رهيل آهه، جا توکي ملندي، جڏهن تون
گروُ ڪندين." سڪديو چوي ٿو:- "ڪنهنکي گـروُ ڪريان؟"
پتا چويس ٿو:- "گروُ ڪر راجا جنڪ کي. هن زماني جو گروُ
آهي راجا جنڪ." سڪديو چوي ٿو:- "ڇا، جنڪ کي گـروُ
ڪريان؟ جنڪ راجا: مان رشي! جنڪ گرهستي، يوڳي: مان
يوڳي! جنڪ کتري: مان براهمڻ! جنڪ سنسار ۾ ورتل: مان
تياڳي! مان ڪيئن جنڪ کي گروُ ڪندس؟" ويد وياس چويس
ٿو:- "تو ۾ اِها ئي باقي ڪمي اَچي رهي آهي. تون وڃي جنڪ
توں غلام آهين!“ سڪندر بادشاهه اهي اکر ٻڌي چيو ته ”هيءُ
پهريون ماڻهو آهي ، جو مونکي غلام ڪري ٿو سڏي. مان تہ
سڄي دنيا جو راجا آهيان . سڄي دنيا فتح ڪري آيو آهيان.
مونکي چوي ٿو غلام، وري غلام جو به غلام!“ پر هن جي
شانتي ڏٺائين ، سڪندر بادشاهه کي لڄ اچي وئي ته مان هن
سان ڪهڙي هلت هلي رهيو آهيان . ۽ هي ڪهڙو نه شانت م
ونو آهي ! چيائينس :- ” مونکي سمجهاءِ ته مان تنهنجي غلام
جو غلام ڪيئن آهيان ؟“ يوڳيءَ چيس :- ” منهنجو غلام آهيءَ
ڪروڌ، غصو . اُنهيءَ جو توں غلام ٿي ويو آهين. ڏس، ڪيتري
م توکي غصو سوار ٿي ويو . تو چيو ته تو سڄي دنيا ٿي فتح

کي چيائون ته ڪو يوگي وڃي اچي ته اُن جو درشن ڪ
جنهن جي چرڻن ۾ ويهي اسين به ڪجهه يوگ سکون. سڪندر
ته "يوگي ڪٿي ملندا آهن ته مان هڪڙو ئي وڃي وڃا
کيس چيائون :- "يوگي ته اٿيئي ٻن est of Meditaion)
۾: اُتان تون وڃي وڃ. اُتي توکي ملندا." گهڙيو ٻن ۾:
هڪ يوگي وڻ هيٺ ويٺو آهي. اکيون سندس پوريون
آهن: سندس منهن ۾ عجيب شانتي. اُن جي اڳيان سانت ۾
ويهي رهيو. يوگيءَ اکيون کوليون: يوگيءَ کي چيائين ته
هل مون سان گڏجي يونان (Greece) ملڪ ۾. مان توکي ون
آهيان. توکي جيڪي کپي، مان توکي ڏيندس. پئسو پدا
بنگلا ماڙيون، نوڪر چاڪر، جيڪي توکي کپي مان توکي ڏي
تون مون سان گڏجي هل!" يوگيءَ چيس :- "مونکي ته
ڪجهه ڪين. مونکي جيڪي کپي، سو مونکي هٿ آهي
اُتي يونان ۾ ڇو هلان؟" سڪندر بادشاهه هو عالمگير rld
(Conqueror ڪڏهن به هنڪي ڪنهن "نه" ڪونه ڪئي
هي ڪجهه چوي، سڀ چون :- "حاضر! جو حڪم!"
پهريون دفعو ٻڌائين ته ڪيس ڪير "نه" ٿو ڪري. غصو
ويس. "ڪروڌ ٻڌو دکدائي." ڪاوڙ اچي لڳس. چيائين
"خبر اٿيئي ته تون ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهين؟ مان
عالمگير (World Conqueror) ـ ander, the Great
تون مونکي 'نه' ٿو ڪرين؟" يڪدم تلوار ڪڍي ٿائين. چيائ
"هيءَ تلوار ڏسين ٿو: اُن سان توکي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏي
جي تون مونکي 'نه' چوندين." يوگي ته سانت ۾ هو.
ڪروڌ توهان تي ڪير ڪري ۽ توهين سانت ۾ وهو، اها
وڏي ڳالهه آهه. اڪثر ڪري ڪو اسان تي ڪروڌ ڪري ت
وڌيڪ ڪروڌ ڪندا آهيون. هڪڙو ماڻهو مونکي گڏيو، ڇ

اِنهن ٻنهي ۾ هي "ڪروڌ" ڏاڍو ڏکو آهي. سڀ وقت اسان
کي خبردار ٿي رهڻو آهي، ڇو ته جي ڪنهن به وقت اسين
خبردار نه آهيون ته هي گهڙي ٿو اچي. اڀياس ڪرڻ سان اسين
هر وقت سجاڳ رهي سگهون ٿا. پوءِ اسان جي سپنن ۾ به اسان
جو ضابطو ٿي ٿو پوي. ڇو ته سپنن ۾ ضابطو Sub-conscience
جو آهي، جو ڪڏهن سمهي نٿو؛ هر وقت سجاڳ آهي. هيءَ اها
چيز آهي، جا توهان جي دل جي ڌڙڪن هلائي رهي آهي.
توهين ڏسو، توهين سمهيا پيا آهيو، دل جي ڌڪ ڌڪ سڀ
وقت پنهنجي هلي. ساهه سڀ وقت پيو کڻي. اهي ڳالهيون
Sub-conscience وٺي هلائي. پوءِ نه جي Sub-conscience کي
اسين سيکاري ڇڏيون ته غصو نه ڪرڻو آهي ته غصو نه ڪنداسين.
پوءِ سپني ۾ نه غصو نه ڪبو. ڪيترا دفعا اِئين ٿيندو آهي. سپني
۾ واڪا ڪري اٿندا آهن. جي ڪو پاسي ۾ هوندو ته پڇندو ته
ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو؟ تو ونئي واڪا ڪيا. اهڙا آزمودا ڪيترن کي
ملندا آهن. اِنسان اهو، جنهن کي awareness آهي. ڏسو ڪو
اپوترتا جو وچار ته نه ٿو اچي، ڪو ڪروڌ جو وچار ته نه ٿو
اچي، ڪو ڌڪار جو، ڪو حسد جو، ڪو تيسي جو وچار مونکي
ته ڪونه ٿو اچي. يڪدم اُن کي روڪيو. وچار اچي ٿو، توهان
جو ڏوهه ڪونهي. وچار اچي ٿو اهڙيءَ طرح جئن ڪو ماڻهو
دروازو ڪڙڪائي ٿو. توهان جو ڏوهه ٿيندو جي توهين دروازو
کولي اُن کي چئو:- "منهنجي پيرا! منهنجا ٻانا! تون اچ: توکي
ڪوڪا ڪوا پيٺا رهون." هڪواريءَ توهان هن کي اندر اچڻ ڏنو
ته ڦاسجي ويا. وانهڙو لڳهيو، گهڙيو اندر مهمان ٿي: پر جي اندر
اچڻ ڏنوس ته توهان جو مالڪ ٿي ويهي رهندو. اِنڪري دروازو
ڪڙڪائي ته يڪدم چئوس:- "هت جائو! هت جائو! اِڌر جڳهه نهين هئي!"

پاڻي آهي، پر لوڀ ڪروڌ تي فتح نہ پاتي آهہ." گروُجن پـ
ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا :- "من جيتي جڳ جيت". تہ جي من ج
تہ سڄي جڳ کي جيتي ڇڏيو. ڪروڌ کي جيتڻ، سڄي
کي جيتڻ. سڪندر بادشاہ کي چيائين :- "تون تہ مـ
غلام جو غلام آهين. ڪروڌ تہ منهنجي حڪم ۾ هلندو آ
خبردار، جي مونتي ڪروڌ چڙهي اچي! تو تي ڏس ڪيئـ
نہ ڪروڌ چڙهي ويو!"

"ڪروڌ ٻڌو دکدائي،
ڀلي آڳ لڳي من کو، پاڇي اؤر جلائي،
جو جو اوگڻ انتر هووي، سو سو پرگهٽ ٿائي!"

اسان جي اندر جا اوگڻ نڪري ٿا اچن. مان توهان کي
ٿو ٻڌايان. جنهن وقت ڏسو توهان کي ڪروڌ لڳي ٿو، ا
توهين آرسيءَ ۾ پنهنجو منهن ڏسو. خاص ڪري ڀينرون،
ڏسنديون، توهان جو منهن الائي ڇا ٿي ويو آهي ۽ ان
جي ٻپ ڪان وري توهين ڪروڌ ڪونہ ڪنديون. ڇو تہ
چاهينديون آهيو تہ توهين هميشہ سٺيون لڳو، سندر لڳو.
هڪواريءَ رڳو ڏسو توهين ڪروڌ ڪريو ٿيون، توهان جـو
ڪهڙو ٿي ٿو وڃي. انسان جو منهن راڪشس جو منهن
ٿـو وڃـي

"ڪروڌ ٻڌو دکدائي،
ڀلي آڳ لڳي من کو، پاڇي اؤر جلائي!"

ڏسو، ڪروڌ اچي ٿو، يڪدم فون ڪريو. اسانوٽ هـ
۾ Fire Brigade جو نمبر آهي ١٠٠. يڪدم انکي فون
توهين بہ يڪدم Fire Brigade کي فون ڪريو. اهاrigade
آهہ پرڀوءَ جو نـــام. "پرڀوُ! مونکي بچاءِ! مونکي بچاءِ!
وڏي اسان جا آهن :- ڪام، ڪروڌ، لـــوڀ، موهہ، اهـ

تنهن کم؟

دادا :- اڄ جو ويچار :-

"تنهن کم؟"

اُن جي معنيٰ "پوءِ ڇا ؟" (What then?)

"پوءِ ڇا؟" پاڻ کان اهو سوال وري پڇو. مان لکہ ڪروڙ ڪمايان ٿو : پوءِ ڇا؟ گهڻو پاڻ سان کڻي سگهندس؟ مان وڏي وديا وٺان ٿو: پوءِ ڇا؟ مان سهڻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪريان ٿو : پوءِ ڇا؟ ڪوءِ کم ڪريون : پڇون پاڻ کان :- "پوءِ ڇا ؟" بنگلا جوڙائيندس، وڏيون جڳهيون وٺندس : پوءِ ڇا ؟ Microphone تي ڳالهائيندس پوءِ ڇا ؟ (What then?)

گرو نانڪ ديو جن جڏهن لاهور وڃن ٿا. کين خبر پوي ٿي تہ اُتي هڪ شاهوڪار ماڻهو آهي، جو پنهنجي ناڻي ۾ ڏاڍو مشغول آهي. شاهوڪار ماڻهوءَ جو پنهنجي ناڻي ۾ ڏاڍو چاهہ ٿيندو آهي. جيترو پئسو وڌي، اوترو وڌيڪ لالچ ۾ ڦاسندو. مهڏجا پيارا! هاڻي گهڻو ٿي ٿيو! بس ڪر! پر هو چوندو:- "پنج ڪروڙ ٿيا آهن، ۵۰ ڪروڙ ڪندس. جي ۵۰ ڪروڙ ٿيا آهن تہ ۱۵۰ ڪروڙ ڪندس. پوءِ ڇا؟ ڇا جي واسطي ايترو ڌن ڪٺو ڪرين ٿو؟ ڇي، خرچ ڪندس. ڪڏهين خرچ ڪندين؟ جڏهين وقت ملندو! ڪڏهين وقت ملندو؟ اها خبر ڪونہ آهي. هن وقت تہ مان ڪمائڻ ۾ مشغول آهيان.

گرو جن جڏهين لاهور ۾ آيا ٿا، ڏٺائين جي مڪان جي ٻاهران

House full with the Name of God !
House full with the presence of God !
House full with the thoughts of God !
Be aware all the time !

" ڪروڌ ٻڌو ڏکدائي،
ڀلي آڳ لڳي من ڪو، ٻاڇي اوڙ جلائي ! "

اِها جنسي آڳ آهي. هڪ ماڻهو مونکي ڳڏيو. سندس ڪارو جهڙو ڪوئلو. مونکي چيائين ته منهنجي اندر آڳ ٻري ۽ اِها آڳ وسامندي ڪين، جيستائين مون اُن ماڻهوءَ شُوٽ (shoot) نه ڪيو آهي، جو ڪارڻ هو منهنجي ٻيءَ مؤت جو. Indirectly منهنجو ٻيءُ گذاري ويو، ڇو ته هن ڪيو. هاڻ اُن کي جيستائين مون shoot نه ڪيو آهي، تيسـ منهنجي اندر جي آڳ ٻجهندي ڪين. اِهو ڪروڌ، اِهو ڌ اِها آڳ ٻجهندي ڪين. آڳ ٻنهي ٻرڪ ۽ توهان جي سڄي ساڙي ڇڏي ٿي.

" ڪروڌ ٻڌو ڏکدائي،
ڀلي آڳ لڳي من ڪو، ٻاڇي اوڙ جلائي !
جو جو اُوڙ اندر هوويءَ، سو سو ڀڙگهت ٻنائي ! "

[جاڪرتا : ١٦-٤-٨٣

"سائين! حاضر! ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي. رڳو سڀئي ڇو؟ ٻيو به جيڪي توهين ڇڏيو، سنڀالي رکان." هن سمجهيو مهنجي زال ويٺي آهي: ٻاٽيهي پيٽي سنڀاليندي. هڪ ننڍڙي سڀئي موٽي ٿو ڏيئي ڪو اوجو ٿيندي. مونکي رڳو گروجن کي پرلوڪ ۾ آهي."

سڀئي کڻي آيو پنهنجي گهر. اچي زال کي چيائين ته "گروجن هيءَ سڀئي ڏني آهي. بلڪل سنڀالي رکڻي آهي. ٻين سڀن سان متان هن کي گڏ رکين. جدا رکڻي آهي ڇوءِ جڏهن پرلوڪ ۾ مونکي گروجن ملندا، اتي مونکي هيءَ سڀئي کين واپس ڏيڻي آهي." ٻڌهن سندس زال کيس چيو ته "تون هيءَ ڪهڙو ڪم ڪري آيو آهين؟ سڀئي پرلوڪ ۾ تون ڪيئن پهچائيندين؟ جڏهن توکي سڀ ڪجهه هتي ئي ڇڏي وڃڻو آهي هت ته تون پنهنجا هتي ئي ڇڏي ويندين، پوءِ تون سڀئي ڪيئن کڻي ويندين؟ هيءَ سڀ هتي ڇڏي ويندين: پوءِ سڀئي اتي ڪيئن کڻي ويندين؟" دنيچند چوي ٿو:- "هيءَ ڳالهه ته بيشڪ سچي ٿي چوي." سڀئي کڻي ڊوڙندو گروجن وٽ ويو ٿو. گروجن کي چوي ٿو:- "گرديو، مونکي معاف ڪجو. مهنجي زال مونکي هيٺئين سمجهايو ته سڀ ڪجهه هتي ڇڏي ويندين. سڀئي مان توهان کي اتي ڪيئن ڏيئي سگهندس؟ ڪرپا ڪري ٻيو ڪو ڪم ڏيو، جهڙوڪ ڌرمسالا ٺهرايان يا گردوارو ٺهرايان يا کوهه کوٽايان. سڀئي مان اتي ڪيئن پهچائي سگهندس؟" گروجن ڏانهس نهاريو ۽! مهر نظر سان نهاري کيس چون ٿا:- "دنيچند! جي هڪ سڀئي به پاڻ سان کڻي ڪون سگهندين ته پوءِ هيڏو پسارو ڇا واسطي؟ صبوح کان وٺي رات تائين رڳو پئسو، پئسو! تون ويٺين ٿو پئسا ڪٺا ڪندو: اهو پئسو پوءِ ڇا واسطي؟" دنيچند چوي ٿو:- "سائين! توهان جي ڳالهه بلڪل سچي آهي." پوءِ گروجن چونس ٿا ته

لنگهن ٿا. وڏو مڪان، وڏو گهر، وڏو بنگلو، ۽ اُن جي
جهنڊا لڳا پيا هئا- ٻه جهنڊا. گروجن پڇن ٿا:- ”هي
ڇا جا آهن؟“ گروجن کي ٻڌائين ٿا ته هڪ لک رپيا ٿيا ته ڏ
هڪ جهنڊو هڻبو، ٻه لک ٿيس ته ٢ جهنڊا. ٩ جهنڊا معنيٰ
هن نوَ لک ڪمايا آهن. ان ڏينهن جو هڪ لک هن وقت
اَلائي ڪيترن billions جي برابر هوندو. گروجن اُنهن نوَ ن ج
ڏي نهارين ٿا. سندن اکين مان ڳوڙها ڳڙي ٿا اچن. گروجن
ٿا:- ”ڪنهن ڪم؟“ ”ٻيو ڇا؟“ هيڏا billions ڪمايائين
ٻيو ڇا؟ ماڻهو جنم ان واسطي مليو ڇا؟ ٻيو ڇا؟ ٻيو گروجن جي هن
ديا ٿئي ٿي. هن کي سڏين ٿا. چونس ٿا:- ”دنيچند! مد
هڪ ڪم ڪندين؟“ دنيچند چوي ٿو:- ”سائين! مان
آهيان!“ شاهوڪار سنتن پر هميشه ٻجهندا آهن. چوندا آهن
ته ڪو سنت موٽي، ڪاوڙجي پوي ۽ مهنجو سڀ ڪجهه ڌن
ڌوڙ ٿي وڃي. دنيچند کي ڌن جو ڏاڍو خيال هوندو هو
ڏنوان ٿيندو رهان. چوي ٿو:- ”سائين! حاضر! جيڪو
چئو!“ هن سمجهو ته گروجن مونکي چوندا ته ڪو گرڊنارو
يا کوهه کوٽاءِ يا ڪا ڌرمسالا ٺهراءِ. اهي ته اوڻتيون ٿي پيو ٺه
هيڏي ڀاڱ گروجن ٿي به مهرباني ٿيندي ته ٻوهان جي ڪ
ٺهرايو. شاهوڪار ماڻهو ڏاڍو Shrewd ٿيندا آهن. اسين سمج
آهيون ته هو سمجهن نٿا: سڀ ڪجهه سمجهندا آهن، چ
طرح سمجهندا آهن. گروجن چون ٿا ته ”ڏاڍو ننڍڙو ڪم
جيڪر تون ڪرين!“ دنيچند چوي ٿو:- ”سائين! مان
آهيان، ننڍو هجي يا وڏو هجي: مان حاضر آهيان. جيڪي
چوندا اُهو ڪندس.“ ٻيو گروجن کيس هڪ سئي edle)
ڏين ٿا. چونس ٿا ته ”هيءَ سئي مان توکي هٿ ڏيان ٿو: سن
رکج: مونکي وري پرلوڪ ۾ موٽائي ڏج.“ دنيچند چوي

آهين ڪير؟
متيءَ جو پتلو!

"ڪٿي؟" "پوءِ ڇا؟" بنگلو وڏو جوڙايو اٿيئي: پوءِ ڇا؟ ڪيترا وڏا ماڻهو، اُنهن کي بنگلي جو ڏاڍو فخر ٿيندو آهي. هڪ ماڻهوءَ بابت ٻڌايل آهي، يورپ جي هڪ ملڪ ۾ رهندو هو. چيائين بادشاهه جو محلات آهي، تنهن کان بهتر مان پنهنجو گهر وڏو ۽ سٺو ٺهرائيندس. ڪٿان ڪٿان سنگمرمر گهرايائين. اٽليءَ مان سنگمرمر گهرايائين. ٻيون شيون به ٻين ديسن مان گهرايائين. چيائين، مان سٺي ۾ سٺي، اُچي ۾ اُچي جڳهه جوڙائيندس پنهنجي ملڪ ۾، جنهن جهڙي ٻي ڪا نه هجي. پوءِ روز ويندو هو جاچ ڪرڻ. بنگلو تيار ٿئي ٿو. Invitations موڪلي ٿو ته فلاڻي ڏينهن مهورت ٿيندو. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو مهورت لاءِ اچن ٿا. جنهن ڏينهن مهورت ٿيڻو آهي، اُن ڏينهن چوي ٿو ته هيٺ لهي ڏسان ته بندوبست برابر آهي يا نه. سندس گهر جي ڏاڪڻ سنگمرمر جي هئي. اُتان لهي ٿو ته! سندس پير کسڪي وڃي ٿو. ڌڙ اچي هيٺ پوي ٿس. سندس Femer bone ڀڄي پوي ٿو. ٽن ڏينهن ۾ An tibiotics دوائون ڪونه هيون. هاسپيٽل ۾ کڻائي وڃن ٿا. اُتي گذاري وڃي ٿو. بنگلو ٺهرايائين، پر بنگلي ۾ رهي ڪين سگهيو. پوءِ ڇا؟ پوءِ ڇا؟ ڪٿي رهو بنگلي ۾ ته به پوءِ ڇا؟

"عجب بنگلو ملبو ٽوڪي، وري پوءِ ٻيو ٽون ڇو ڳولين؟
رهي ڏوسان حسن وارو، اهو ئي راز ڪٿو ڪولين!"

هڪڙو ڇوڪرو هو، جنهن جو پيار وڃي هڪ ڇوڪريءَ سان لڳو. ڇوڪريءَ جو پيار به وڃي ڇوڪري سان لڳو. ڪيترا ڀيرا پيار mutual ٿيندو آهي. ڇوڪري چوي ٿي، "مان شادي ڪنديس ته هن سان" ۽ ڇوڪرو چوي ته "مان شادي ڪندس

"هاڻ خرچ ڪرڻ شروع ڪر هيل تائين تو ڪمايو آهي،
اهو پئسو تون خرچ ڪر دکين جي شيوا ۾ دکي. دردر،
پڪي، وچ انهن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو." "تنهن ڪ
"پوءِ ڇا؟"

زيور توهان لهرايا آهن. ۽ توهين سمجهو ٿا ته مٽيلا ۾
ٻهتر زيور ٻئي ڪنهن جا ڪين آهن. بيشڪ، منهنجي
تنهنجا زيور سٺا آهن. پر پوءِ ڇا؟ تنهن ڪري؟ زيور ته
ڇڏي ويندين! سندر سرير آهي توکي؟ آرسيءَ جي سا
ويهي تون چوين ٿي:- مان ڪهڙي نه سهڻي آهيان. مون ج
ڪا ٻوري ٻي سهڻي مٽيلا ۾ هوندي؟ اهڙيءَ طرح ڏه
پيرون پاڻ کي ائين چونديون آهن. پوءِ ڇا؟

پيارو دادا (ساڌو واسواڻي) ورڻي وري اسان کي چ
هو:- "آهين تون اصل ۾ ڪير؟ مٽيءَ جو ٿا! ڍيرا!" ولايت
پئرس شهر ۾ پياري دادا کي ولي هليا نيپولين جي قبر ت
نيپولين وڏو بادشاه هو، جنهن جي نالي ٻڌڻ سان بادشا
اچي ڏڪنديون هيون. اچي ڪين دپ لڳندو هو. پياري
چيو:- "مان وڃي اتي قبر جي اڳيان بيٺس. مونکي روئڻ
ويو. مون چيو:- "نيپولين! ڇا تنهنجو دبدبو هو ۽ نيت
اهو ساڳيو مٽيءَ جو ڍير ٿيو آهين! منهنجا پيارا! آهين
اصل ۾ ڪير؟ توهين جي پاڻ کي آرسيءَ ۾ نهاريو، پاڻ
اهو چئو. ائين نه چئو ته تو جهڙي ڪا سهڻي آهي؟ پر پا
ياد ڏياريو:- "آهين ڪير؟ مٽيءَ جو ڍير!" توکي ڇا جو
آهي؟ ڇا جو ايمان آهي! هيءَ ٿوري چمڙي ڪٽي تنهنجي
ٿي آهي. ٻئي جي ڪاري آهي. پر آخر ۾ ٻنهي جو ساڳيو
جو ڍير ٿيندو.

چيائينس:- ”هيءَ ڪن اٿيئي، اَيائي لک مان ڏيان ٿو: مونکي تون ڏيندين؟“ جواب ۾ ڇوڪري چيو:- ”مان ڪونه ڏيندس.“ چيائين:- ”بس، مونکي اهو کپي.“ ويو ڇوڪريءَ جي پيءُ وٽ. اُن چيو:- ”ڇو نه مان شادي ڪرايان، پر هن کي assets آهن ئي ڪونه.“ وڪيل چيو:- ”هن کي assets آهن، مون پاڻ ڏٺو ته هن کي چار assets اهڙا آهن، جن لاءِ هن کي ١٥ لکن جي offer ملي، پر هن چيو، مان ڪونه ڏيندس. معدي اُن ڪان وڌيڪ وٺندو، لڏهين ڏيندو ته گهٽ ۾ گهٽ اوتري تـه اٿس.“ هن شاهوڪار ماڻهوءَ چيو ته ١٥ لکن جي ملڪيت اٿس ته مونکي وڌيڪ نه کپن. قبول آهي. هاڻ ڇوڪرو قبوليو!“ ڇوڪريءَ کي ڇوڪرو مليو يا ڇوڪريءَ کي ڇوڪري ملي. ”پوءِ ڇا؟“ ”تنهن ڪري؟“

ڪراچيءَ ۾ هڪ ماڻهو هو، اهو به وڪيل هو، وڏو وڪيل. وڏو بنگلو پنهنجي لاءِ جوڙايائين. توهان مان جن ڪراچي ڏٺي هوندي، تن کي خبر هوندي. اتي Burns Road وڏو رستو هوندو هو، جيڪو Burns Garden ڏي ويندو هو. اُن باغ ۾ ٻاڪ اهڙي نڪرندي هئي، جو سڄي سنڌ ۾ يا ٻئي ڪٿهن هند نه ٿيندي هئي. ”گلابي ٻاڪ“ اُن کي ڪري ڪوٺيندا هئا. هن اُن وڏي رستي تي وڏو شاهي بنگلو ٺهرايو. چيائين ته هاڻ منهنجي اوسٽا وڏي ٿيندي وڃي ٿي. مان پنهنجا پڇاڙيءَ جا سال وڃي آسائش ۾ گذاريان. روز ايندو هو ان بنگلي جو درشن ڪرڻ. روز ايندو هو supervise ڪرڻ ته مان جئن چاهيان ٿو، تئن ٿاهين ٿا يا نه. Tiles اهي پون ٿيون يا نه، پٽ تي Painting اها ٿئي ٿي يا نه. هڪ هڪ ننڍڙي ڳالهه باريڪ نظر سان جاچيندو هو. بنگلو تيار ٿيو، هيءُ وڃي رهيو. هفتي کانپوءِ هن کي اچي ٽائفائڊ (Typhoid) ٿيو. تن ڏينهن ۾ Antibiotics

ٻـ تہ هن ڇوڪريءَ سان.“ ڇوڪرو سڄي آڪهہ جو آهو،
ڍ اڇڻو وڇڻو آهي. اُن وقت سندن گهر لڙيل هو. ڌ ذ.ٻڌڻ
رهي لڳي ٿو، ڪڏهن ماٺهو لڙيل رهي ٿو تہ ڪڏهين چڙهيل
ڏسڻ ٻر ڪريو تہ judge اي ڳالهين ٻاهرين انهن تنهنڪري
ڇوڪ تہ منهنس گڏ کهڙا آهن. اُن وقت هيءُ لڙيل هئا.
ڌ ڏيءِ جو ٻيءُ چوي :- ”مان ٿو ان ڇوڪري سان ٻنهنجي
ڪهر شادي ڪرايان، جيستائين مونکي خبر پوي تہ هن کي
گهٽ ڪي لڪہ رپيا آهن.“

ڪ هـي ٻٺي ـ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ـ ٻنهنجي گهروُ وڪ
ٿيندا هوشيار ۽ ذاپ وڪيل ويا. وٽ (Family Lawyer)
وڪيلن اي ڪوٺہ ڪم رکو، ڪري ڏيندو. ڇوڪريءَ ڪيس
ڇو هن آهي لڳي وڃي دل منهنجي! صاحب وڪيل ”
ڪري ٻہ ڪئين هاڻ سان. اُن تہ ڪندس شادي مان .سان
سمجه اڇي ڪي ٻنا منهنجي تون :آهين وڪيل تون .کپڄاءِ
ڇو ٻوءِ”.ٿو ڪڍان مان ڪيس تنهنجو ،چڱو“ -: چيو وڪيل
”-:چيو ڇوڪري “؟آهن Assets ڪي توکي” تہ پڇائين کان
سـ جا اُسان وقت هن ٻر ،هئاسين ڪروڙپتي اُسين وقت
تہ ٿو ٻڌايان توکي مان” تہ چيس وڪيل “.آهن ويا ٿي رکہ
”مـونـ :- چــوڪــري چيــو “.آهــن Assets اَڇــا
چي .آهن توکي ڪئين تہ ٻڌايس وڪيل ٻوءِ “.ڪونہ ٿي آهن
لڪ ٥ توکي مان تہ سمجهہ ،آهي توکي جيڪا ،اکہ هيءَ ”
مان” :- چوندين تون “؟ ڏيندين اکہ مونکي تون :ڏيان
ڇو ؟ڏيندو ڪير ڪاٺو ؟ڏيندو ڪيڏي ڪير اکہ “.ڏيندس
ڇوڪري ،ونان مان لکہ ٻنج .مونکي نهاريندي ڪونہ ٿي
توکي مـان لکہ ٻنج ” :ـ چيس وڪيل “.چڏيان وڃائي
“.ڏيندس ڪونہ مان” :-چيو ڇوڪري “؟ ڏيندين مونکي

ان واسطي مليو آهي ڇا؟ ته مان ساڙهيون پايان، ٻنگلن ۾ رهان، رمي راند کريان؟ پر ڪنديون رهو: مان نه ٿو روڪيان، پر پاڻ کان رڳو پڇنديون ڪريو، اهو هڪ سوال:- "تنهن ڪري؟" مان نه ٿو چوان ڪلب ۾ نه وڃو يا رمي راند نه ڪريو. ساڙهيون نه پايو يا زيور نه پايو. پاڻ ڀلي پايو، وڌيڪ پايو، پنهنجن گهوٽن کي چئو، توهان کي وڌيڪ زيور وٺي ڏين. اهائي توهان جي Saving ٿيندي. اها ٿي ٻچت ڪٿب ايندي: پر "تنهن ڪري؟" اها Saving ڪيڏانهن کڻي وينديون؟ "نيٺ ڇا؟" "تنهن ڪري؟"

"What then?"

ولايت ۾ هڪ وڏو ماڻهو ٿي ويو آهي:- ڊاڪٽر البرٽ شوائيٽزر. عجيب انسان هو. ڏاڍو هوشيار. عمر ۾ ننڍو هو، جڏهين ڪيس پرنسپال ڪري رکن ٿا. هن ڪي پستڪ لکيا آهن. اهڙا عجيب پستڪ، جن ڪري هن جو نالو سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويو آهي. ٽي Doctorates ورتائين:-

(1) A Doctorate in Theology

(2) A Doctorate in Philosophy

(3) A Doctorate in Music

ميوزڪ play (music) ڪندو هو، دليون ڏولي ڇڏيندو هو. ٣٣ ورهين جو آهي. ڪيس اهو ويچار آيو ته:- "پوءِ ڇا؟" "تنهن ڪري؟" پاڻ کان پڇي ٿو:- "تو ٽي Doctorates ورتيون، تو پستڪ لکيا، توکي مان شان مليو، توکي وڏو عهدو آهي، توکي اڃان وڏا عهدا ملندا. تون اڃان Minister of Education ٿي سگهين ٿو: پر "پوءِ ڇا؟" "تنهن ڪري؟" "پوءِ ڇا؟" پوءِ چوي ٿو:- "آن ڏينهن مان پاڻ سان ارادو ڪريان ٿو ته هيل تائين ٣٣ سال مان پنهنجي واسطي رهيو آهيان. اڄ کان پوءِ مونکي جيڪا به زندگي پيارو پرڀو ڏيندو، سا مان پرڀوءَ جي چرنن ۾

د وائون کين هيون · ٽن ڏينهن ۾ Diaphoretia مڪسچر
هو، اهو ٿي ڏيندا هئا. ٿوري وقت ۾ هي گذاري ويو
هن جو موهه اڳلي سان هو. اهو موهه پڇاڙيءَ ۾ پاڻ سان
ويو ٿـو. پوءِ ڇا ٿا ڏسن؟ ان اڳلي ۾ ڏسن ته واڄ هٿي
آهي، اتان کڻي ويو ٿي هٿي رکجي. کي ible hands
شيون پيا هڪ هنڌان کڻي ٻئي هنڌ رکن. رات جي
آواز پيا اچن. هن بيمارب پاءُ جي ترمچندي ڏايي پڳتيائي
گروُ نانڪ ديو جن ۾ ڏاڍو وشواس هوندو هوس. گروُ گرنٿ ص
۽ گروُ نانڪ ديوجن ۾ هن جو عجيب صدق! هن پڳتيائيءَ س
ته مهدجو پتي هڪ ڀـوُت (a wanderig spirit) ويـ
آهي. پوءِ هن جيڪا جفاڪشي ڪئي، گـروُ گرنٿ صاحب
اکنڊ پاٺ رکايائين. هڪ پوُرو ٿيو، ٻيو شروع ٿيو. ٻيو
ٿيو، ٽيون شروع ٿيو. ٽيون پوُرو ٿيو، چوٿون. اس، پاٺي
وقت ٻيئي هلي ۽ ان سان گڏ پرارٿنا ۽ غريبن دکين کي ک
پوءِ ٿورن ئي ڏينهن ۾ چيائين ته مهدجي پتيءَ جو روح از
آزاد ٿيو. وهِ اهي عجيب ۽ غريب ڳالهيون جيڪي گهر
ٿيون، سي بند ٿيون اڳلو ته جوڙايون ٿا، ڀوُت ويو ٿا
فائدو ڪهڙو؟ ” تنهه ڪر؟ “ ” What then? “

مهدجون پيڙون، توهين سارڙهـي ٻائي ويو ٻيهو آ
اڳيان: ان وقت پڇجو پاڻ کان:- ” تنهه ڪر؟ “ ” پوءِ ڇ
تو سارڙهي ته پاتي: توکي ڏنيواد؟ توکي شاباس! سڀ ته
ساراهه ڪنديون، سڀ توکي appreciate ڪنديون. اَج b
جڏهن رمي راند ويو ڪندينءَ، سڀ ٻيون تو ڏي نهارين
پيون چونديون:- ” ڇا ته سارڙهي پاتي اَٿس. “ ۽ پوءِ پڇ
کان:- ” تنهه ڪر؟ “ ” پوءِ ڇا؟ “ اهڙيون سارڙهيون ته
ٻائي هلنديون هلنديون! پوءِ ڇا؟ پوءِ ڇا؟ موڪي هيءَ ماڪ

آهي. مان کهڙي ڀاونا سان آپريشن ڪريان ٿو." پوءِ ته وقت
اچي ٿو، جڏهن هن کي Great Living Man ڪري چوندا هئا.
هن ڪيترائي پستڪ لکيا آهن، جن ۾ هڪ ڳالهه جو ذڪر
ڪري ٿو ته هيءَ Civilisation پڇاڙي، جڏهن انسان جي دلين
۾ جانورن لاءِ، پکين لاءِ، پسن لاءِ شردا (reverence) ايندي.
هن جي سڄي ايراضيءَ ۾ ڪنهن به جانور کي يا ڪنهن به پکيءَ
کي نه ماريندا هئا. هي پاڻ وڃي انهن کي کارائيندو هو. سندن
شيوا ڪندو هو. هن چيو ته انسان فقط اهو ڪين آهي جو آيو،
اسريو، شادي ڪيائين، ٻار ڄڻيائين ۽ گذاري ويو. جيون جو
انت اهو ڪونهي. "تنهن ڪم؟" "پوءِ ڇا؟"

[مهيلا: ١٢-٤-٨٣]

جيون جو گيت

انسان ڇا آهي؟
اڪ ياتري! اڪ مسافر!
پنهنجي مسافري پوري ڪري هليو هلي ٿو. پوءِ ڪيڏي وڏو
پنڌ، ڪيڏي ويٺي ڏيءَ؟ ڪيڏي ويا پاڻ، پيدر، ماڻ ۽ پيءُ؟
ان ڪري نه وسار ته آهين اڪيلو! آيا اڪيلا:
جائيندا اڪيلا: پوءِ لئو هنه ٻيج ڪسا ميلا!
ان ڪري نه ڪنهن سان موه رک. اي يار مسافر! پنهنجي
جيون جو گيت ڳائيندو هل! اڪ اڪ کي آسيس ڏيندو هل!

اُن کنديس دکي دنيا جي شيوا ۾." پوءِ پاڻ کان پڇ
"دکي دنيا جي شيوا مان ڪئن ڪريان؟" ڪيس خبر پو
ته آفريڪا ۾ ويچارا Negroes پيا مرن، ڇو ته اُنهن کي ڊا
جي مدد نه ٿي ملي، ڪو آپريشن ڪرڻ وارو اُتي ڪونهي
اُنهن کي دوا ڏيڻ وارو ڪونهي. هن کي پرپڙا اچي ٿي ت
سيکو اِهو ڪم ڪريان. هي جو هڪ مشهور ڪاليج جو پر
هو، جنهن کي سڀ عزت ڏيندا هئا، سي پرنسپل پاڻ وڃ
ميڊيڪل ڪاليج ۾. شاگرد ٿي وڃي اُنهيءَ ڪرسيءَ تي وهي
پنهنجي نوڪري ڇڏي وڃي اُتي وهي ٿو. ست سال لڳنس
٤٠ ورهين جي عمر ۾ اِها چوٽين Doctorate in Medicine
ٿو. پنهنجي مٽن، پنهنجي مائٽن سڀن کان موڪلائي آفري
اچي ٿو. اُتي جي ڪومي اُهڙي نيندي آهي، جو هتي جي
ته سمجهه اُتي جو سيارو آهي. اُن گرميءَ ۾ وڃي ڪم ڪري
اُنهن جي شيوا ڪري ٿو. اُتي جا ماڻهو جاهل. هن جي
جي اُنهن کي پروڙ به نه ٿي پوي، جو appreciate ڪن. ڪو
اُهڙا ٿيندا هئا. جو هڪ ماڻهوءَ کي هرنيا (Hernia) جي ت
اچي ٿي. هن اُن کي پاڻ وٽ رهائي اُن جو آپريشن ڪيو
کي چڱو ڀلو ڪيو. سي وغيره ڪجهه ڪين ورتائينس. پ
جي ڏينهن هي Negro اُچيس ٿو: چويس ٿو ته "مونک
ڏي." هي چويس ٿو:- "ڇا جا پئسا؟" چيائينس:- "
منهنجو ماس جو ڪٽيو، اُن ماس جا مونکي پئسا ڏي."
اُهڙن جاهلن سان هن کي ڪم ڪرڻو پيو. هي چوي ٿو:-
اُهڙا ٿيندا هئا جيڪڏهن منهنجو آپريشن ٿورو هيڏانهن ه
ٿي وڃي ۽ ماڻهو مري وڃي ته چون ها تو هن کي ماريو.
اسين توکي ماريندا سين." چيائين، اِن ڪري پهرين پرارٿنا
پوءِ آپريشن ڪندو هوس. چوندو هوس:- "پرڀو! توکي س

نه ڪوڙ ڳالهائڻ ڏاڍو سولو آهي.“ وري ڪڏهن اهو وقت ايندو، جڏهن هڪ پارنواسي چوندو:- ”مان سچ کان پري نه رهندس، منهنجي جان ڀل وڃي، پر مان سچ کان پري نه رهندس.“ هينئر ٿورو ئي فائدو ملي ٿو، ڪوڙ ڳالهائي ٿا ڇڏيون. فائدو نه به ملي، پر اهڙو هوري ويا آهيون، جو ڪوڙ ڳالهائي ٿا ڇڏيون.

هڪ سنتوڪ کان پڇائون ته ”تنهنجي ڪهڙي اوستا ڪيتري ٿي؟ تنهنجي نئين زندگيءَ جي شروعات ڪيئن ٿي؟“ چوي ٿو:- ”منهنجي شروعات ٿي، جڏهن مون ڪوڙ ڳالهايو.“ پڇائونس:- ڪوڙ سان ڪيئن نئين زندگيءَ جي شروعات ٿي؟“ چيائين:- ”مون ڪوڙ ڳالهايو، منهنجي ماتا کي خبر ملي ٿي. مان هڪ ئي پٽ ماتا جو هوس. مونکي ماتا پنهنجي گود ۾ وهاري چوي ٿي:- ”پٽ! توکي خبر آهي، مان توکي ڪيڏو پيار ڪريان ٿي؟“ مون چيومانس:- ”ها، امي! مونکي خبر آهي، تون مونکي ڪيڏو پيار ڪرين ٿي. ڇا ڪين آهي، جو تون جيڪر مونکي نه ڏين. مونکي خبر آهي، تون مونکي ڪيڏو پيار ڪرين ٿي.“ چيائينس:- ”پٽ! ايڏي پيار ڪندي به مان توکي چوڻ چاهيان ٿي ته مان خوش ٿينديس، تون مري وڃين، تنهن کان جو تون ڪوڙ ڳالهائين.“ چيائين:- ”اهي اکر تير وانگر منهنجي اندر ۾ گهڙي ويا. ان ڏينهن کانوٺي مون چيو ته ڇا به ٿي پوي، مان ڪوڙ ڪين ڳالهائيندس.“

گهڻيون ماتائون آهن، جيڪي پنهنجن ٻارن کي ائين جيڪر سکيا ڏين؟ چون:- ”ٻالڪ! اسين خوش ٿيون، تون مري وڃين، تنهن کان جو تون ڪوڙ ڳالهائين!“ ڪوڙ ڳالهائڻ آهي نه سچ پچ موت. روح جو موت آهي. سچو ڌرم آهي ”ستيه.“ ”ستياس ناستي پرو ڌرم.“ رشي چوي ٿو:- ”ستيه کان مٿي ٻيو ڪو ڌرم ڪين آهي. گهڻا اسڪول آهن، جتي اها سکيا ڏني وڃي

ديا ڌرم ڪا مُول هَئه!

دادا:- اڄ جو وچار:-

" ديا ڌرم ڪا مُول هئه، نرڪ مُول اڀمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!"

" ديا ڌرم ڪا مُول هئه!" ڀارت جي سنتن، سنتن، سنـ
جي سکيا، رشين مهارشين جي ساکي چوندا آهن هن ڇٽن
ه آهي. اهي چار اکر جي اسان پڪڙيا ته اسانکي ڀارت
سيمتا جي گجهارت اچي ويندي: اهي چار اکر کهڙا آ
" ستيم ود! ڌرمم چر!" "ستيم ود" معني هميشه سچ ڳال
ڀارت جي ڀڳن ڪانوني اِها ساکي ڏي پئي رهي آهي. اڳي
ابرو به چوندا هئا:- " جيڪڏهن ڀارتواسيءَ کجهه چيو ته
اهو سچ هوندو، وڌيڪ اسانکي ڀيٽ جي ضرورت ئي ڪون
ايڏو ڀارتواسين جو شان هوندو هو. ڇو جو اسانجي Culture
سچ تي ڏاڍو زور آهي " ستيم ود! ڌرمم چر!" هميشه
ڳالهاءِ ۽ ڌرم سان تون هلندو ڪر! اِئين ڪندين ته تنهنجي ه
جئه آهي. توکي ڀوءِ ڀيءَ ڪنهن به ڳالهه جي پرواه ڪو

" ستيم ود!" پر اِئي مان سمجهان ٿو، اسان جي ٽيچر
اسانجي مائٽن، اُنهن ٻنهي جو ڏاڍو سهڪار کپي. اڄ
اسانجي حالت ڪهڙي آهي؟ ننڍي وڏي ڳالهه تي ڪوڙ ڳا
ٿا ڇڏيون. فائدو نه به ٿئي، ته به ڪوڙ ڳالهائي ٿا ڇڏيون.
ڪان پڇيم:- " تون ڪوڙ ڇو ٿو ڳالهائين؟" چيائين:- "ڇ

جو پاٺ ڪرڻ، روز پوڄا ڪرڻ." ڪن چيو ته "ڌرم جي ڳجهارت آهي تپسيا جي زندگي رهڻ. پنهنجن اندرين کي اسين ضابطي ۾ رکون، پنهنجي من کي ايڪاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون." ڪن وري چيو ته "ڌرم اِن ۾ آهي ته روز گهٽ ۾ گهٽ شام جو ستسنگ وڃون." اهي سڀ ڳالهيون ضروري آهن ۽ سٺيون آهن. ورت، نيم ۽ ڏاڍا سٺا آهن ۽ ضروري آهن. ٻي ڳالهه: شاستر پاٺ ڪرڻ به ضروري آهي. اُن کي چوندا آهن "سواڌيايه." روز شاسترن مان ڪجهه نه ڪجهه پڙهون. پر پڙهون سمجهه سان، اِئين نه جيئن اسين پڙهون ٿا. تانگهه لاهڻي آهي. جڻ ته اسان تي ڪو قرض چڙهيل آهي، اهو لاهي هٿ ٿيون، ڪٿي آزاد ٿيون. نه، پڙهون اِن لاءِ ته ڪجهه پرايون. سمجهه سان پڙهون. تپسيا به ضروري آهي. ستسنگ ۾ وڃڻ ضروري آهي. "ڪيترئي ڳالهيون"، اُنهن ودوانن چيو، "اِن ۾ آهي ڌرم جي ڳجهارت." پياري دادا چيو:- ٽي ڏينهن گنگا نديءَ جي ڪناري تي اها ڪانفرنس هلي. نيٺ پڇاڙيءَ ۾ هن ڳالهه تي فيصلو ڪيائون:- "ديا ڌرم ڪا مول هي!" چيائون:- "ڌرم آهي ديا: ٻيو ڪجهه ڪين آهي!" جيڪڏهن توهانجي دل ۾ ديا آهي ته توهين ڌرم جي زندگي رهو ٿا، ته توهين ڌرم سان پيار ڪريو ٿا، توهانجي ورت نيم آهن، توهين ستسنگ ۾ روز اچو ٿا.

هيءَ ڪن سالن جي ڳالهه آهي. هڪ ٻالڪي مون وٽ آئي. چيائين:- "منهنجي سس روز ٿي تنهنجي ستسنگ ۾ اچي. پوءِ گهر موٽي ٿي ته گار هڻي گار ڏئي، ڇو ته مون پوري ڏاج ڪانه آندي آهي." اِن ڏينهن ۾ سس جو زمانو هو. هيڏي مان سمجهان ٿو ڪي سسون اهڙيون، اڄ پنهنجي نُنهن لاءِ چونديون ته "منهنجي نُنهن اچي ٿي تنهنجي ستسنگ ۾ ۽ مون سان

ٿي :- ”ٻالڪو! توهين سچ ڳالهايو!“ مونکي تہ جڏهن
پيري وجهہ ملندو آهي تہ مان ٻارن کي چوندو آهيان:- ٻارو
ڪوڙ ڳالهايو تہ پڇتو ڪيو. ٽيچر کي اچي ٻڌايو تہ اسان
ٻيرا ڪوڙ ڳالهايو. اٽ پڇتا ڪيو. ٻہ پڇتا نہ ڪيو، رڳو
ٻڌايو تہ چيتنا (awareness) ايندي، سجاڳي، جاڳرتا (kening
ايندي.

ڀارت جي سڀيتا آهي ان ۾:- ”ستيمو ود، ڌرمم چر!“
سان ٻڌ ڪر. ڌرم ڇا آهي؟ ڌرم جي ڳجهارت ڪهڙي آ
ڌرم سان اسين ٻڌ ڪيئن ڪريون؟ پياري دادا (سادُوَ واسوا
هڪ ڪان وڌيڪ ڀيرا ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيو:- ”گنگا نـ
جي ڪنڌ تي وڏو سميلن لڳو. ڀارت جا سنت، رشي، فيلس
ودوان، پنڊت اچي ان سميلن ۾ گڏ ٿيا. ان سميلن ۾
اٿيو تہ ڌرم جي ڳجهارت ڇا آهي؟

What is the secret of Dharma? I think the word
rma cannot be translated correctly as religion. It is
ething more than religion.

انڪري مان وري بہ ڌرم اکر تو ڪتب آڻيان. انگريز
سميلن ۾ اهو سوال اٿيو تہ ڌرم جي ڳجهارت ڇا آهي؟
نيت آهي ڇا؟ جدا جدا جواب آيا. ڪيترين ٽوليون ٿي
ڪيترا ليکڪ ٿيا. ڪن اچي چيو:- ”ڌرم آهي ورت
پالڻ ڪرڻ ۾، discipline ۾. ”يم“ ۽ ”نيم“: ”يم“ آهي
ڳالهيون، جيڪي اسانکي نہ ڪرڻيون آهن. ”نيم“ آهي
پالڻ ڪرڻ. انهن چيو تہ ڌرم جي ڳجهارت آهي ورت رکڻ
پالڻ ڪرڻ، پوري وقت تي اٿڻ، پوري وقت تي ساڌنا ۾
پوريءَ طرح سنان ڪرڻ، پوريءَ طرح وهي پوڄا کي پڪ
ورت ۽ نيم. ڪن وري چيو تہ ”ڌرم جي ڳجهارت آهي ش

ڪڏهن اَچي ماريو، ڪڏهن اَچي اٽڪي ڪئو. جان کي جڏهن خبر
پيئي، چيائين، مان پاڻ سان پرڻ ڪريان ٿو، جيستائين مون ۾ وير
نه پاڙيو آهي، جيستائين مون اِن ماڻهوءَ کي نه ماريو آهي،
تيستائين مان سک ڪونه سمهندس. ڪيترو وقت گذري ويو،
ڪي سال گذري ويا. هن وساريو ڪين. هڪ ڏينهن پاڻ سان
ڪيترائي هٿيار بند سولجر وٺي پيو اَچي. سامهون ڏسي ٿو، اِهو
ماڻهو پيو اَچي، جنهن هن جي پيءُ کي ماريو هو ۽ اُن کي ڪو
هٿيار ڪونه هو. يڪدم تلوار وڄايائين. چيائين:- ”منهنجو
ڏينهن اَچي ويو.“ گهوڙي تي چڙهي آيو. چيائينس:- ”گهوڙي
تان يڪدم لهه، مان هيٺئين توکي خون ڪندس.“ ڇو ته اهو ڏينهن
هو Good Friday جو، جنهن ڏينهن شري ايشا کي سوليءَ تي
چاڙهيو هئائون. هي وچارو ماڻهو unarmed، ڪيس ڪو هٿيار
ڪونه هو. سامهون هيترا هٿيار بند ماڻهوءَ. نهاري ڇا چيائين؟
ايشا جنهن Cross تي هوندو آهي، تنهن پاسون ڪولي چيائين:-
” ايشا جي صدقي مونکي جيئدان ڏي.“ جان اِهي اکر ٻڌا:
اُلائي ڪيئن هن جي دل اندر گهڙي ويا. يڪدم چيائينس:-

“ I do not only give the gift of your life but I also give you a promise of my friendship. Pray to God that He may forgive my sins .”

اُئي جو اُتي، ڏسو، ڪيڏي نه دَيا! ۽ هي جان چوي ٿو:-
” اِن ڏينهن کانپوءِ منهنجي جيون ۾ هڪ نرالو آنند آيو! مـان
هونئن پيو جلندو هوس، پيو ٻرندو هوس.“ اسين ڪاڻ پنهنجا
دشمن آهيون، جڏهن ڪنهن جي ٻه واسطي وڌو ورونڌ دل جي
اندر رکون ٿا. هيڪي چوي ٿو:- ” مان نه فقط توکي تنهنجي
زندگيءَ جي بخشش ڏيان ٿو، پر مان توکي پنهنجي مترتا جو
انجام ڏيان ٿو. تون رڳو هڪڙو ڪم مون واسطي ڪر. پرڀوءَ

ڪهڙي حالت ۾ هئي؟" هيڏو جو قصو ٻڌائي ويو آهي
ڌرم ان ۾ ڪونهي ته مان ستسنگ ۾ اچان، پوءِ ذهن کي و
تڪليف ڏيان، يا ستسنگ ۾ اچان ۽ سڀ ڪنهن وچ ۾ ت
ڏيان. نه، ڌرم آهي "دَيا." "دَيا ڌرم جو مُول هي!"
جو مُول آهي دَيا.

"ستيم ود: ڌرمم چر!" معني سچ مان ڳالهايان ۽ ڌرم
پالنا ڪريان: يعني دل جي اندر دَيا رکان. اهي ٻه ڳالهيون
اسين سمجهون، جي انهن ٻن ڳالهين جي ٻڌڻ جيئن ۾ س
ڏينهن جي اسين ڪوشش ڪريون ته پوءِ اسانکي ڏاڍو پيار ڪ

ٻه ڳالهيون ضرور ڪريون. هڪ سنسڪرت جي تصوير آهـ
جنهن ۾ ٻڌي هئي جون ٻه آڱريون جهلي بيٺو آهي. پياري
جي هڪ آڱر آهي. هن سنسڪرت جون ٻه آڱريون. پوءِ مون
پڇائون ته "ٻه آڱريون ڇا جي لاءِ آهن؟" مون چيو:- "
سمجهان ٿو ته ٻه آڱريون ان لاءِ آهن. هميشه سچ ڳالهايو.
وساريو نه سڀن جو سچ آهي دَيا، آهي پيار، آهي ڪرُڻا،
ٻين کي مدد ڪرڻ."

"دَيا ڌرم جو مُول هي!"

جتي دَيا ڪونهي، اتي ڌرم ڪونهي. ڪيترا ٻـ، اسـ
شاستر پاٺ پيا ڏين، ماڻهو ورت پيا رکن، متا ٽيڪ پيا
ناريل پيا چاڙهن، لوڪ ٻري پري تيرٿ آستانن تي پيا و
مالهائون پيا ڦيرين. ڪيترا ماڻهو آهن، جي مالهائون ڦيري
سندن آڱريون گسي ويئون آهن. پر جي دل ۾ دَيا ڪونهي
ڌرم ڪٿان پري. نا قبول! ناقبول! پرڀُو چوي ٿو:- "توهين
قبول ڪونه آهيو. توهانجون مالهائون مونکي قبول ڪونهن

هيءَ ڪن صدين جي ڳالهه آهي. ٻـ پاٺر اُمير هئا،
ڪٽنب جا هئا. جان پالبو ۽ سندس پاءُ هيوگو. پوءِ هيو

"جب لڳ گهٽ مهه پران!"

ٻچاڙيءَ جي پران سان هي سمت اهو پيغام ڏئي ويو. ڇوڪرا ڏاڍو سؤلو آهي. ٻر مان توهان مان ڪنهن کي دکي ڏسان، مان اچي اُنکي چوان:- "پيٽ! مان ڪجهه تنهنجي شيوا ڪري سگهان ٿو؟ اَڄ ملوُل پيئي لڳين. منهنجا پياءُ! تون دکي ۾ پيو ڏسڻ ۾ اَچين، مان تنهنجي واسطي ڪجهه ڪري سگهان ٿو؟" اِهو آهه ڌرم.

"دیا ڌرم کا موُل هئي، نرک موُل اَڀمان!"

جارج واشنگٽن جو نالو توهان ٻڌو آهي؟ هي ڪير هو؟ هڪڙي ماڻهوءَ کان پڇائون:- "جارج واشنگٽن ڪير هو؟" چيائين:- "گهوڙي جو مالڪ هو." هوُ هميشه گهوڙي تي چڙهيل هوندو آهي. جارج واشنگٽن آمريڪا جو، جي مان چوُڪ ٿو ڪريان ته پهريون پريزيڊنٽ هو. هيءُ ۽ هڪ ٻيو، جنهنجو نالو هو پيٽر ملر، ٻئي هم ڪلاسي هئا. هڪ وقت گڏ پڙهندا هئا. گهرا متر هئا. پوءِ جارج واشنگٽن وڃي پريزيڊنٽ ٿيو ۽ پيٽر ملر پرڀوءَ جو اِڪ خادم، پرڀوءَ جو نوڪر ٿيو. پيٽر ملر جنهن شهر ۾ ڪم ڪندو هو، اُتي هڪ ٻيو ماڻهو هوندو هو مائيڪل وٽمن. اهو پيٽر ملر جو اَصل جاني دشمن هوندو هو. اِئين هميشه ٿيندو آهي، جي ڪوبه چڱو ڪم ڪندو آهي ته پوءِ ڪي نه ڪي شڪتيون نڪرنديون آهن، جيڪي هن کي ڪيرائڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. ڪيترا آهن جي اِهو سهي نه سگهندا آهن. تنهن هوندي به ڪي ماڻهو پرڀوءَ جو ڪم ڪن ٿا. اُنهن مان هڪ هو مائيڪل وٽمن. هوُ روز روز ڪا نه ڪا تڪليف پيٽر ملر کي پهچائيندو هو. ويهه سال مائيڪل وٽمن ائين ڪيو. پيٽر ملر کي ويهه سال تڪليف ڏنائين. نيٺ مائيڪل وٽمن کي پڪڙيائون. چيائون ته هي ديش دروهي آهي. تن ڏينهن ۾ پعدي جارج واشنگٽن

کي پرارٿنا ڪر تہ مھنجو پاپ، مھنجو گناہ، تنھن جي مو
معافي ڏي! مان ھيترا سال دل جي اندر تنھنجي واسطي
رکي ويٺو آھيان. اھو وڏو گناہ جيڪر مونکي معاف ڪر

”ديا ڌرم ڪا مُول ھئہ!“

اھو آھہ ڌرم. ڌرم اھو ڪونھي تہ مان ڪنھن اي گناہ ما
کي وڃي ماريان، پوءِ چوان تہ مون ڌرم جي نالي ۾ ڪيو. ن
”ديا ڌرم ڪا مُول ھئہ!“ اِن پيغام جي ڏاڍي ضرورت آ
نہ فقط ڀارت کي، پر سڀني ملڪن کي:-

”ديا ڌرم ڪا مُول ھئہ، نرڪ مُول اڀمان:
تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لگ گھٽ مھہ پران!“

سنت تلسي چوي ٿو:- ”جيستائين گھٽ ۾ پران اٿيئ
تيستائين ديا نہ ڇڏجانءِ!“ ھڪ وڏو فيلسوف ٿي ويو آ
فرائڊرڪ واڻن ھوگي، وڏو فيلسوف بہ ھو ۽ سنت بہ ھو. ا
ڪي فيلسوف سنت نہ ٿيندا آھن. ھي فيلسوف بہ ھو،
سان گڏ سنت بہ ھو. پڇاڙيءَ جو پران اُڇي پھتو. سندس
سندس پرسان سندس شيوا ۾ ھئي. ڏٺائين تہ ھنجا چپ
چرن. ھي ڪجھ whisper پيو ڪري. پوءِ وڃي ھنجي چپن
ڪن رکي ٿي. چوي ٿي:- ”مان ٻڌان ٿي ھي اکر.“ پڇ
جا اکر ھن سنت، وڏي فيلسوف، جنھنکي دنيا جي
فيلسوفن مان ھڪ ڪري ليکيندا آھن، تنھن سان گڏ ھي
ھو: پڇاڙيءَ جا اکر ھئا:-

“Caring is everything. There is nothing like
ng!”

يعني ” ٻئي جو ويچار ڪرڻ، ٻئي جي سنڀال ڪرڻ،
جي شيوا ڪرڻ، ٻئي کي سکي ڪرڻ، اُن کان وڌيڪ ٻيو
آھہ ڪين.“

معافي ڪونه ڏيانس ها.” پيٽر ملر پڇايس ته ” ويهه سال مون سان ڇا ڇا ڪيو اٿس.” چيائين:- ” جي تون دشمن لاءِ وڇڙين ته مطلب پيو ٿيو تنهنجي معرفت ڀُلي، تون نٿو ڀُلين. اُن Divine Order اڳيان مان سر جهڪايان ٿو.” معافي ملي ويس.

There was a man, who lived a life of religion.

” ديا ڌرم ڪا مول هئي، نرڪ مول اڀمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ مين پران!”

هڪ ٻار:- پوءِ مائيڪل ولسن مٺو ٿي ويس؟

دادا:- اها خبر لکيل ڪونهي، ضرور ٿيو هوندس.

مهاتما گانڌيءَ کي ١٩٠٨ع ۾ هڪ اُچي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. مهاتما گانڌي ڌري ٿان کو بچي ويو. پوءِ گانڌيءَ کي چيائون ته ” هنکي اسين پڪڙيون ۽ ڪورٽ ۾ مٿس ڪيس ڪريون.” مهاتما گانڌيءَ چيو:- ” هن ماڻهوءَ اهو ڪم ڪيو آهي، ڇو ته هنکي خبر ڪونهي ته هن ڇا ڪيو آهي. مان ويندس هن کي پيار ڏيندو، وڌيڪ پيار ڏيندو. پاڻيهي هنجي دل ۾ ڦيرو ايندو.” هڪ سال کانپوءِ اُن ماڻهوءَ مهاتما گانڌيءَ بابت چيو:- ” مونکي خبر ڪين هئي، مون ڇا ٿي ڪيو؟” جيڪي اکر مهاتما گانڌيءَ چيا:- He does not know what he was doing اهي ساڳيا اکر اُچي چيائين.

پيار جي طاقت ايڏي آهي! ديا جي طاقت ايڏي آهي!

” ديا ڌرم ڪا مول هئي، نرڪ مول اڀمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لڳ گهٽ مين پران!”

هڪڙو پيءُ هو، تنهنکي چار پٽ هئا. ملڪيت گهڻئي هُئس. چيائين، هاڻ وقت اچي پيو آهي. پنج حصا ملڪيت جا ڪيائين. هڪ هڪ حصو هڪ هڪ پٽ کي ڏنائين. چيائين، هي پنجون حصو مون واسطي آهي. ۽ اهو گذاري وڃڻ کانپوءِ

جي ڏينهن پر اڙايون لڳيون هيون ته آمريڪا جا ماڻهو آزاد ٿ
ڪي پڪڙي ڇپائون ته هي ديش دروهي آهي ۽ هنڪي
جي سزا ڏنائون. اُن قاسيءَ جي سزا کان اڳ لاءِ معاف
هڪ ججو ڏئي سگهيو ٿي، سو هو پريزيڊنٽ.

پيٽر ملر کي خبر پئي ته هي ماڻهو جنهن ويهه سال
تڪليف ڏني. هڪ ڀيرو نه، ٻه ڀيرا نه، پر ويهه سال، اهڙ
ٻه ڏينهن نه، جنهن ڏينهن هن مونکي تڪليف نه ڏني
پيٽر ملر کي خبر پئي ته مائيڪل ونمن کي قاسيءَ جــ
ملي آهي. پيٽر ملر کي اُن وقت نه گهوڙو هو، نه گاڏي
جارج واشنگٽن جي آفيس ٧٠ ميل پري هئي. پيٽر ملر
مان هڪ مدت به اُجايو نه، وڃائيندس. پيٽر ملر ٧٠ مي
ڪري جارج واشنگٽن وٽ اچي ٿــو. واشنگٽن کيس ڏسي
خوش ٿئي ٿو. چويس ٿو:- "پيٽر! پيٽر! تون ڀلي آئين!
سال تو مونکي درشن نه ڏنو آهي. مان تنهنجي واسطي ڇا
سگهان ٿو؟" پيٽر ملر چويس ٿو:- "جارج! هڪ ڳالهه
سگهين ٿو." هي پاڻ ائين ڳالهائيندا هئا، ڇو ته پاڻ پر د
هئا. هاڻ ڪري جارج واشنگٽن پريزيڊنٽ ٿيو هو. چيائينس:- "
هڪ ڳالهه ڪري سگهين ٿو. جيڪو به توکي مون واسطي پيار آهي ان ج
توري گهٽي عزت توکي مون واسطي آهي، اُنجي صدقي ما
ونمن کي معافي ڏي!" جارج واشنگٽن چيس:- "مائيڪل ون
معافي ڪيئن ڏيندس؟ هن جيڪو ڪم ڪيو آهي، سو ت
ڪونو ڪم ڪيو اٿس، جو ڪو به اُن کي معافي ڪونه ڏئي س
پيٽر! مونکي معاف ڪج، مان تنهنجي متر کي ڇڏائي نٿو
سگهان." پيٽر چيس:- "متر! هي ته ويهن سالن کانوئي
جاني دشمن ٿي رهيو آهي." جارج واشنگٽن تنهن تي
"پوءِ ته ڳالهه ئي ٻي ٿي وئي. تنهنجو متر هجي ها ت

پر مون هيءَ حالت ڏٺي. مون ڪپڙن وغيره جو ويچار ڪين ڪيو. مان نہ پيس پاڻيءَ ۾. پاڻيءَ ۾ نہ وڃي ان ٻار کي بچائي آيس. منهنجو ڪو مانائتو ڪونہ هو. نڪو ڪو ڪنهن شاهوڪار جو ٻار هو، جو مون کي انعام ملي، ان ويچار کان مون ائين ڪيو هجي. مون ٻئي ڪنهن بہ ويچار کان ڪونہ ڪيو آهي." سچ پچ تہ ويچار هوس تہ بابا مون کي انعام ۾ پنهنجو حصو ڏيندو. اها ڳالهہ ڪونہ ٻاسيائين. وڌيڪ چيائين:- "بابا! جي اوهين سمجهندا هجو تہ منهنجو شيءِ ڪم آهي تہ اهو حصو ملڪيت جو مونکي ڏيو." پتا چيس:- "پٽ! هي شيءِ ڪم ڇٽبو؟ ماڻهو موي ۽ تنهن کي ڪو مدد نہ ڪري، اهو تہ ڇٽبو جانور. تو رڳو پاڻ کي جانور ليکي ڪان بچايو آهي. تون تہ انسان بہ آيا ڪين نيو آهين. مان رڳو ايترو چئي سگهندس تہ تون جانور ڪونہ هئين. اتان جانور لنگهي ها، ڏسي ها ٻار وڃي پاڻيءَ ۾ پيو آهي، تہ ٻہ ڪونہ ڏئي ها. هيل تائين مان چوندس تہ تون جانور ڪين آهين. انسان تہ بڻج. تنهن کان بہ وڌيڪ مٿي تون وڃ." هي موني ويو.

کجهہ وقت کانپوءِ نيون جٺو آيو. چيائين:- "بابا! مون وٽ هڪ ماڻهو آيو. وڏو واپاري، شاهوڪار. مون وٽ وڏي ڏراوت ڪن لکن جي رکي ويو. آنڌرپس مونکي ڏيئي ويو. ڏوراهين ملڪ ڏي ويو. مونکي چيائين تہ مان ڀاڻيهي توکان گهرائي وٺندس يا توکان اچي وٺندس. مهنا گذري ويا، سال گذري ويا. ڏراوت تي وياج پيو چڙهي، وياج تي وياج پيو چڙهي. هو وري ئي نہ. پوءِ مونکي جيڪا آنڌرپس ڏني هئائين، اتان مون پيا ڪڍي تہ خبر ملي تہ هي واپاري پاڻ پنهنجي ملڪ پهچي ان کان اڳ واٽ تي گذاري ويو. مونکي ٻڌايائون تہ فلاڻي مهني ۾ هي تہ گذاري ويو." پتا کي وڌيڪ

مان ڪنهن جي نالي ۾ ڪندس؟ اهو مدار رکي ٿو تـ
چئني مان شپ ۾ ڪم ڪير ٿو ڪري؟ چئني پٽن
اسين ڪجهه نه ڪجهه ڪريون. مٿان اسان کي ملي وڃي
لاڙي لڳي وڃي. پنهنجو حصو به چڱي ملڪيت هئي.

هڪڙو پٽ آيو. چيائين:- ”بابا! مونکي جيڪا تـو
ملڪيت ڏني، ان مان ڏهون حصو مون جدا ڪري رکيو
ان ڏهين حصي مان مون ڌرمسالائون ٺهرايون آهن، مندر
اڏم، ۽ هڪ فنڊ (Trust) جاري ڪيو اٿم، جنهن مان ود
کي، اناٿن کي مهني سر مدد ملندي آهي. جيڪ
توهين اهو ڪم شپ ڪري سمجهندا هجو تـه پل پنهنجو
مونکي ڏجو، نه ته مان ائين ئي راضي آهيان. توهان اڳ
مونکي گهڻو ئي ڏئي ڇڏيو آهي.“ پتا چيس:- ”پٽ!
شپ ڪم ڪري ڪيئن ليکيو؟ ڏهون حصو ته اسان لـي
مڙهيل آهي، ته جيڪي اسان کـي ملي، ان جـو ڏهون
دان ۾ ڏيون. تو تـه رڳو پنهنجو فـرض پـالـن ڪيو آه
تـو شپ ڪـٿـن ڪـيـو آهـي؟ شپ ڪـم تـ
ها، جڏهن سڄي ملڪيت ڏئي ڇڏين ها. پوءِ مان چوان
برابر تو شپ ڪم ڪيو.“ چيائين:- ”بابا! مان سڄي مل
ڏئي ڇڏيان ان اميد ۾ ته مون کي اوهان وٽان ملڪيت جو
ملندو، مان اهو ڪم نه ڪندس.“ پتا چيس تـه ”توکي
ڪونهي ان حصي ملڻ جي.“

ڪجهه وقت ڪانپوءِ ٻيو پٽ آيو. چيائين:- ”بابا! هڪ
مائي آهي، جنهن وٽي نديءَ جي ڪنٺ تي ڪپڙا ڌوتا.
ٻار هوس. اهو ڪپ تي رکي ٻاڻ وڃي ٻوڙي پٿر تي ڪپڙا
لڳي. اهڙي ڪا ڇول آئي، هن ٻار کي لوڙهي وٺي
کي مرڻ ۾ دير ڪونه لڳي ها. مون اهو ڏٺو. جيتوڻيڪ مو
ڏاڍا اڇا ڪپڙا پيا هئا، مان وٺس ٿي ڪنهن Dinner Party

کي هشيار ڪونہ هو. مون چيو، هينئر مون کي وجهہ آهي، مان هن کي خلاص ڪري ڇڏيان؛ مان جيڪر ڇٽي پوان. سڄو وقت ڪيڏي نہ چنتا مونکي رهي ٿي." (ڪڏهن ڪو خط وغيره اچي ٿو تہ "خبردار رهہ، تنهنجي حياتي اسين وٺنداسين." ماڻهو ڏکي ٿو وڃي. سڄو وقت گهر ۾ اندر ويٺو آهي: ويچارو ڇا ڪري؟) مون چيو اِنڪان مان هينئر ڇٽان. هنکي ماري اِتي ئي خلاص ڪري ڇڏيان. پر مون چيو، نہ."

"ديا ڌرم ڪا مؤل هئہ، نرڪ مؤل اَيمان؛

تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لگہ گهٽ مهہ پران!"

چيائين:- "مون وڃي اُنکي پاڪر پاتو ۽ چيومانس:- "منهنجا پيارا! هن وقت مان توکي ماري سگهان ٿو، پر ماريندس ڪين. تون منهنجو آهين: توکي جيئن وڻي، تيئن ڪر، مان توکي نہ ماريندس." پٽنا کي چيائين:- اَلائي اِهو ڪم مون سٺو ڪيو يا نہ ڪيو." پٽنا پنهنجي گديلي تان لهي آيو. چيائين:- "پٽ! تون منهنجو آهين! هينئر ئي ڪٽي اَڄ دستاويز تہ مان وصيت نامو (Will) ناهيان ۽ پنهنجي ملڪيت تنهنجي نالي ۾ ڪريان."

هڪ پاغ:- مان گهر ۾ چوٿون نمبر آهيان.

دادا:- پر هي چوٿون نمبر ڪين هو. چوٿون آيو يعني ٽي پائر هن ڪان اڳہ آيا پنهنجو شپ ڪم پڌائڻ. نمبر اَلائي ڪهڙو هو پهريون هو، ٻيو هو، ٽيون هو يا چوٿون هو. پر چوٿون هو، جو پٺيءَ وقت آيو پڌائڻ تہ مون هي شپ ڪم ڪيو آهي. شايد پهريون هجي.

"ديا ڌرم ڪا مؤل هئہ، نرڪ مؤل اَيمان!"

اَيمان آهي نرڪ جو مؤل. جو ماڻهو اَيمان ۾ آهي، سو وڃي نرڪ ۾ پيو آهي.

"تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لگہ گهٽ مهہ پران!"

چيائين:- ”مون دل ۾ چيو ته هيءَ ملڪيت ته منهنجي ڪو
هيءَ هن واپاريءَ جي آهي: مان وڃي اُن جي ٻارن کي
هن جي ٻارن کي خبر به ڪونه هئي ته ڪو بابا هيتري ملڪ
هيتري دولت رکي ويو آهي. هنن کي ذري به دولت ڪ
هئي: مون اها سڄي ملڪيت، اُن تي وياج، اُن کي و
جيڪو به سڀ هو، اهو پائي پائيءَ جو حساب ڪري ڪڍي
هٿ جوڙي اُنهن کي ڏنا ته توهان جو پيءُ هي ڇڏي ويو.
کي هيتري خبر پيئي ته گذاري ويو آهي. هيءَ ملڪيت تو
جي آهي، توهين وٺو. بابا! جيڪڏهن توهين سمجهندا هج
اهو شڀ ڪم آهي نه، توهين منهنجو حصو مونکي ڏيو!“
چيس ته ”پٽ! اهو شڀ ڪم ڪيئن تو ڪري ليکين؟ جي
اهو ڪم نه ڪرين ها ته چون ها، هي دغاباز آهي. هن اُ
۾ خيانت ڪئي آهي، هن ۾ وشواس نه رکڻ گهرجي. ۽ ٻي
تو پيسا هنن کي موٽي ڏنا، توکي خبر آهي اُن ڏينهن کان
منهنجو ڪيڏو نه لاچار ٿيو هوندو. چوندا هوندا ته سڄي
۾ جي ايماندار ماڻهو آهي ته هي. سو تو وٽ ڪيتري اَ
دولت رکندا هوندا. تون وري اُنهن لاءِ وياج ڪمائيندو هو
تون ٿورئي وياج منهنجي گهران تو ڏين. تون وري وڃي
وياج وٺين، جيڪي گهرج ۾ آهن. تون وياج ڏين ٿو ڇهه ٽ
ته تون وياج وٺين ٿو ٢ ٽڪا، ١٥ ٽڪا، ٢٠ ٽڪا. اِن ۾ ت
نيڪ ڪم نه ڪيو ٿي ڪونه.“

نيت چوٿون پٽ گهڻي وقت کان پوءِ آيو. چيائين:-
هڪ ماڻهو جنهن مون کي ڏاڍي تڪليف ڏني ۽ اُلائي
پيرا ڪوشش ڪيائين ته مون کي مارائي. جدا جدا موقعن
جدا جدا نمونن ۾، هن ڪوشش ڪئي آهي ته منهنجي
وٺي. مونکي هڪ ڏينهن گڏجي ويو. مون کي هٿيار هو

هڪڙو ماڻهو هوندو هو، ويندو هو ڏيندو. ڪوبہ ايندو هوس گهرج ۾، هن جو سڀاءُ ئي اهو هوندو هو، چوندو هوس:- ”ڪٿي وڃ! ڪٿي وڃ!“ پوءِ سندس زال ڏاڍو غصو ڪندي هئي. نيٺ زال ايڏو تہ هن ڪاوڙي، جو چيائينس تہ ”جي تون ڏيندين تہ مان وڃي پيڪن ۾ رهندس.“ چيائينس:- ”مون تي مهرباني ڪر: پيڪن ۾ نہ وڃي رهہ. مان انجام ڪريان ٿو، پر مان ڇا ڪريان؟ اوڏي مهل مونکان وسري ٿو وڃي. پر هيئنر مان پنهنجي اڳيان پٽ تي وڏو بورڊ هڻي ٿو چڙهان تہ ’جيڪڏهن مان ڪاٻہ شيءِ ڏيندس تہ منهنجي زال وڃي پيڪن ۾ رهندي.‘“ پٽ لي بورڊ هڻي چاڙهيائين. پيو نهاريندو هو. جو نہ هڪ ڏينهن زال وڃي اشنان ڪرڻ، اُن وقت ڪو گهرجائو هن وٽ آيو. گهرجائو جو هن وٽ آيو تہ هنجي دل يڪدم ٿي تہ مان هن کي ڪجهہ ڏيان. بورڊ ڏي نهاري تہ لڳو پيو آهي تہ جيڪڏهن تون ڪجهہ ڏيندين تہ زال تنهنجي پيڪن ۾ ويندي. ويچارو ڇا ڪري؟ چيائين:- ”پيارا! مونکي ڏيڻو ڪجهہ ڪونهي. مان ڏيئي نٿو سگهان. منهنجا هٿ بدل آهن. پر مان توکي اندروني خبر ڏيان ٿو. منهنجي زال ويندي آهي اشنان لي. سامهون هوءَ ميز آهي، انجي خاني ۾ پنهنجا مٺيا منديون وجهي ويندي آهي. هاڻ وڃي ڏس جي ڪجهہ هجي تہ تنهنجي قسمت کلندي. باقي مان نٿو ڏيئي سگهان. مان ڏيندس تہ منهنجي زال پيڪي ويندي هلي.“ ماڻهوءَ خانو کوليو تہ هيرن جي منڊي نڪري آئي. ي ماڻهو هيرن جي منڊي کڻي پنڌ لڳو. زال ڪجهہ وقت انپوءِ اشنان ڪري نڪتي. خانو کوليائين تہ منڊي نهي نئي ڪانہ. واکو ڪيائين:- ”اڙي! منهنجي منڊي ڪيڏانهن وئي؟ ان هيئنر اچا هئي رکي ويس. منهنجي پنجنهن هزارن جي منڊي ڪير کڻي ويو؟“ هن ماڻهوءَ (گهوٽ) جو بڌو پنجنهہ

جنهنکي ايمان نٿو ٿئي، سو ٻاڻ کي ھٿ سمجھي ٿي
هڪ سنت هو. اُن سنت وٽ هڪ آشرم جا ماڻهو آيا،
ٻيا ۽ ڪيترا ماڻهو رهندا هئا. تن مان هڪ ماڻهوءَ ٻوڙي ه
ڪوئي ڪئي هئي. ڪي گهٽ وڌ ڪم ڪيا هئائين. چيائون
وڌن جي ڪائونسل ويهي. ويهي فيصلو ڪن ته هن کي ڪه
سزا ڏني وڃي. ڀر چيائون سنت حاضر ضرور هجي. اسان
Judgement وري ۽ چُوڪ ڪري سگهي ٿي. سنت هوندو
اسان کي درست ڪندو. سنت وٽ ويا. چيائونس ته سيا
هن وقت تي ڪائونسل ٿيندي ۽ توهين ڪرپا ڪري اچ
توهان ڪانسواءِ اسين فيصلو نه ڪنداسين. ٻئي ڏينهن اُن وقت
سنت آيو، خبر اٿس، ڪيئن آيو؟ پٺيءَ لي، ميوي جـ
ٽوڪريون ٽنگيل آهن، جنهن ۾ ميوو ڀريل آهي، ڪا
جون ٿهيل. اُها ميوي جي ٽوڪري پٺيءَ تي ٻڌي اُن ۾ ر
وجهي ڪٽي آيو. ريتي ڏاڍي ڳوري ٿيندي آهي. اِن ڀار ڪري سند
پٺي مڙي ويئي هئي. جڏهن رستي ٽان پٺي آيو، ان ٽوڪر
مان ريتي هٿي وهي. هنن جڏهن ڏٺو، چيائونس:- "سائين!
جو مطلب ڇا آهي؟" سنت چيو:- "بابا! منهنجا گناه،
هن ٽوڪريءَ مان ريتي ڇڻي وهي، تئن منهنجي پٺيان پيا
۽ مان اڄ آيو آهيان ٻين جا گناه واچڻ." اهي اکر هنن سڀ
ٻڌا. چيائون:- "سائين! اسان توبهه ڪئي!" هن آشرم وا
ماڻهوءَ کي معافي ڏنائون. هي ماڻهو اڳي هن سنت جي
۾ ڪري پيو. چيائينس:- "سنت سچا! مون کي توبهون
دان ڏي. مونکي نئون ڪر!" فقط هڪ ڳالهه (single act)
آڻي ڇڏيو. اِنڪري ڪڏهن ۽ دِيا نه ڇڏجو.

"دِيا ڌرم ڪا مُول هئه، نرڪ مُول اڀمان:
تلسي دِيا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!"

ماڻهوءَ tiffin basket جو ٻڙ ڪڍي، ٻگهه ٻدل هڻس، اها لاهي، اُن وسيلي ڪُوءَ مان پاڻي ڀري هُن جي اڳيان رکيو. اهي ڪٽڙا، اها ڪتي ڏسو ها، ڪيئن نه پاڻي پيئاٿون. هڪ ٻڙ tiffin basket جو خلاص ٿيو، ٻيو ڀريائين. ٻيو خلاص ٿيو، ٽيون ڀريائين. ٽيون خلاص ٿيو، چوٿون ڀريائين. چوٿون خلاص ٿيو. ايڏي ڪا اُڃ هُن کي هئي. ٺيڪ جڏهن هوُ پاڻي پي اُٿيا، پوءِ چيائين هاڻ هي خالي tiffin basket پاڻ سان ڪڍي وڃان، فائدو ڪهڙو ٿيندو؟ اُنهن ٻڙن ۾ پاڻي رکي هليو ته جي وري هُن کي اُڃ لڳي ته پاڻي پي سگهن. چوي ٿو:- ”اُن وقت هُن ڪتيءَ ۾ هُن ڪٽڙن مون ڏي نهاريو. هُن جي نهار ۾ اَلائي ڇا هو! ٿورو ٿي پٽ ڪيم ته مونکي ساڪياتڪار آتما جو درشن مليو.“ هي پيارو چوي ٿو ته ”هن حياتيءَ ۾ مون ٻيو ڪجهه ڪين ڪيو اهو ٿي ڪم مون ڪيو. مون وٽ هن جيون جي ٿوري سار لڌي. ۽ مونکي ايڏي ڪا ٻُڌوءَ جي ڪرپا ٿي، جو مونکي درشن مليو. اُن ڏينهن کان وٺي مان اُن درشن ۾ رهاڻو.

”ديا ڌرم ڪا مُول هئه، نرڪ مُول اَيمان:
تلسي ديا نه ڇوڙئي، جب لگ گهٽ مهه پران!

جيڪڏهن توهان مان ڪن کي ديا اچي وڃي ته مونکي خوشي ٿيندي. اِن ڪاڌي کان، هنسا جي ڪاڌي کان پري رهو! ڏسو، ٿوري سوال جي ڪري اسين ڪيڏي نه هنسا ڪريون ٿا. وڃارن ڳڳدامن کي روز وڃنا کهايون. روز وڃارا ڪسجن پيا. اڄ اَلائي ڪيترين ٻڪريون، رڍون ڪٺيون هونديون. اڄوڪو ڏينهن (عيد) سڀو ڏينهن مهمڇا ويچار اُنهن ڏي ويا آهن. شل توهان مان ڪن جي دل اَندر ديا جو ڀاءُ اُٿي!

هڪ ڀيڻ:- دادا، آسيس ڪريو ته ڪراهت اچي.

دادا:- ڪراهت ته اچي، پر اُنکان ته مٿي جهڪر

هزار: يڪدم هنجي پٺيان ڊوڙيو. ڊوڙي وڃي هن کي پڪڙيائين ۽ چيائينس:- ”پيارا! هيتري مونکي خبر نه اِها منڊي پنجنهن هزارن جي آهي. اِئين نه ٿئي، ڪنهن کي پنجن ڏهن هزارن ۾ منڊي ڏيئي ڇڏين. پنجنهن جي آهي: ياد ڪجانءِ.“ آهڙي قسم جا ماڻهو ٿي ويا


”دَيا ڌرم ڪا مول هي، نرڪ مول اَڀمان:
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ مهه پران!“

هڪ ماڻهو ويو ٿي مسافريءَ تي. تن ڏينهن ۾ ريلون، موٽرون وغيره ڪونه هيون. ويچارا پنڌ ڪندا هئا. پوءِ ٻن جي مسافري هوندي هئي، ٽن ڏينهن جي مسافري هوندي پاڻ سان مٺيون لوليون يا مٺا پڪوان اهي ناهي کڻي ويند اهي پڪوان هميشه ڪڙڪ رهندا آهن. سنڌ ۾ هوندا هئا پڪوان ڳاهيا هئا، هميشه ڪڙڪ هوندا هئا. اهـي مينهن ڪونه پوندا هئا، جو ڇپا ٿي وڃن. لوليون هميشه تازيون رهـ هيون. هي ماڻهو پنهنجو tiffin basket پـاڻ سان کڻي هليو. رستي تي ڏٺائين ته، هڪ ڪنڌيءَ پاڻ کي جم ڏ نديڙا نديڙا ٻچه سڀ ڪنڙا سندس چوگرد هئا. نزديڪ هڪ هو. ڏٺائين ته هيءَ ڪنڙي وري وري وڃي کوه ڏي نهاري ۽ وري موٽي پيئي اچي. کوه ۾ پاڻي هيٺ هو. و ڪنڌي ڪيئن پهچي؟ وري وري اُس وڃي نهاري پيئي اچي. ڏاڍي ڪا اُڃايل هئي. هن ماڻهوءَ اِهو ڏٺو. چيائين ڪنڙي اُڃايل آهي ته هو نديڙا ڪنڙا ڪيڏو نه اُڃايل هو جي ڪنڙي اُڃايل آهي معنيٰ اُڪايل ته ڏاڍي هوندي. ڪيائين؟ پنهنجو tiffin basket کولي، اهـي لوليون ۽ پوري وڃو اُنهن کي کارائيندو، توهين ڏسو ها، ڪيئن ڪن کائيندا. وڃن کائيندا، وڃن کائيندا. جڏهن کائي اُنيا، پـ

توهين چڙهو. ڇو اسين ان آدرش جي ساکي ڏيندا سين. ڪ
تائين ڇو ترسو؟ ڇو، اسين اُن آدرش جـــي ساکي ڏيند
اسين سَتسنگ ۾ اچون ٿا. اسانکي ورتي ويچار ٿئي
پياري پرڀوءَ جو اچي پهتا آهيون الائي ڪهڙي وقت سڏ
شل اُن آدرش جي ساکي ڏيون، جنهن آدرش دنارا اسـ
پرڀوءَ ٿورو ڪجهه قبول ڪري! انهن نه ڇوي ته ”لا قبوُ

[پونا : ١٦-٨-٨٦

Printed by Haresh G. Dodeja Noble Enterprises,
686, Budhwar Peth, Pune 2. Phone: 434494
blished by Sital G. Menghani C/o Sadhu Vaswani Mission,
0, Sadhu Vaswani Road, Pune 411001. Phone: 662310



نُور اِلاهي

نشو نيڻهن وارو ڏٺم تنهنجي اکڙين !
خماري خدائي ڏٺم تنهنجي اکڙين !
ڏٺم جوش نياري مٺا تنهنجي اکڙين !
سچل سونهن وارو ڏٺم تنهنجي اکڙين !

ڏٺم نيار ۽ بندگي تنهنجي اکڙين !
سدا پيار ڇلڪي منجهان تنهنجي اکڙين !
ڪشش اِک لياري ڏٺم تنهنجي اکڙين !
ڇڪيو آهي جڳ کي مٺا تنهنجي اکڙين !

نهاري نهاريم اَندر تنهنجي اکڙين !
اَندر کو نہ اِسرار آهي تنهنجي اکڙين !
ڏٺي نُور اِلاهي جشن تنهنجي اکڙين !
ڏسي خود خدا تو منجهان تنهنجي اکڙين !